

ڏُوڙ دل تي درد جي

استاد بخاري

روشني

Scanned with CamScanner

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

ايڊمن: صاحب خان "سورھ" ميراڻي

Cell No: 0344 - 3919786

Scanned with CamScanner

ڏُوڙ دل تي درد جي

(نظم ڪهاڻيون)

اُستاد بخاري

روشني پبليڪيشن

ڪنڊيارو

2007ع

Scanned with CamScanner

Roshni Book No. 395

ڪتاب جو نالو: ڏُوڙ دل تي درد جي (نظم ڪھاڻيون)

شاعر: اُستاد بخاري

چاپو پھريون: © روشني 2007ع

ڪمپوزنگ: حبيب قادر قريشي

روشني ڪمپوزر اينڊ پرنٽرز، حيدر چوڪ، حيدرآباد.

ڇپيندڙ: فائين ڪميونيڪيشن، حيدرآباد،

ڇپرائيندڙ: روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو، سنڌ

DHOOR DIL TAY DARD JEE

Poet: **Ustad Bukhari**

Composed by: Habib Qadir Qureshi.
Roshni Composer and Printer, Hyder Chowk, Hyderabad
Printed by: Fine Communication, Hyderabad, Sindh.
Published by: Roshni Publication, Kandiaro
First Edition © Roshni 2007

اسٽاڪسٽ

شاھ لطيف ڪتاب گھر - حيدرآباد
ڪاٺياواڙ اسٽور، اردو بازار، ڪراچي
حسين عامر نيوز ايجنسي، مين بس اسٽاپ سجاول
رابيل ڪتاب گھر، لاڙڪاڻو + رهبر بڪ اڪيڊمي، رابعہ سينٽر لاڙڪاڻو
مدني بڪ ڊيپو، لاڙڪاڻو + نيشنل بوڪ ڊيپو، بندر روڊ، لاڙڪاڻو
نوراني بڪ ڊيپو، بندر روڊ، لاڙڪاڻو
اشرف بڪ اسٽال، مسجد روڊ، نوابشاھ
سڪندر بڪ ڊيپو، ڪپرو + حافظ ڪتب خانو، ڪپرو
المھراڻ ادبي ڪتاب گھر، سانگھڙ
العزيز ڪتاب گھر، عمر ڪوٽ
سليم نيوز ايجنسي، نيو بس اسٽينڊ، دادو + جنيد بڪ ڊيپو، دادو
مرچو لال بڪ ڊيپو، بدين + رحيم بڪ ڊيپو، بدين + سوجھرو ڪتاب گھر، بدين
ٿر ڪتاب گھر، مٺي
عزيز ڪتاب گھر، بئراج روڊ، سکر + ڪتاب مرڪز فيريئر روڊ، سکر
الفتح نيوز ايجنسي، مھراڻ مرڪز، سکر
نيشنل بڪ اسٽال، پنج گلو، خيرپور ميرس
تھذيب نيوز ايجنسي، خيرپورميرس
قاسميہ لائبريري، اسپتال روڊ، ڪنڊيارو

Scanned with CamScanner

ترتيب

• ٻه ڳالهيون - علي دوست عاجز	7	• نيٽ ٺاهه	40
• تون جي هجين هان	15	• ياڳيلو ياءُ	42
• اچرج ۾ آءُ	16	• نئين سنڌ	44
• Free	17	• 14- صفر ۽ 21- اپريل	45
• واڏايون	18	• نه ته...	46
• مَسلُول ماستر	19	• سنهڙو چولو	47
• اڳتي قدم	21	• تو ٻُڌو ته هوندو!	48
• آمي ۽ ڦاپي	24	• ٻُڪَ	50
• ڪُتا	25	• ڏُرُ نه ڏاها	51
• ناطق چِيتا	26	• سودو	52
• اَڄ	27	• تُرڪي صحافي	53
• ٻه ڪُونجون	28	• پانڌِي ملاح	55
• پورهيت	30	• نفس	56
• دُعا	32	• پردو	57
• اي بيد مُشڪ جا وَڻ	33	• آءِ. وي. پي	58
• پوءِ!	35	• ٻُڪاري	59
• پيري پيري پرٽو	36	• پُٽ مبارڪ	60
• يار	37	• چندو چند	62
• گنجَ	38	• تِمورتي	63

Scanned with CamScanner

- پياڪ 65
- گُدر 66
- گهت گهتِ 67
- آٽو گَرافَ 69
- سرٽيفڪيٽ 71
- پسمنظر 72
- سچو سپنو 73
- پندرهن ۽ پنجيتاليهه 76
- ڏماڪيدار ڏنڊو 80
- چشما فروش 81
- واڏٽي ڇو ڇِڪي؟ 83
- پيءُ هنن جو ڪهڙو آهي؟ 84
- جهرڪ ۽ جهرڪي 86
- مڇيون ٿيون ميوا کائن 88
- هُوءَ 89
- صفائي 91
- اڏ پرائو 93
- منهنجا هَٿ رَت... 94
- زندگي زندگيءَ جي ڪاڻ... 96
- هي انتظار ڪيتر؟ 99
- جانِي ۽ لالِي جو قصو 101

Scanned with CamScanner

ٻه ڳالهيون

ننگي پير نِڪتيون اسانجون ڪهاڻيون

زندگي رڳو پنهنجي ڪهاڻي ڪانهي، ٻيون به ڪيئي ڪهاڻيون آهن، جيڪي پنهنجون ٿيون لڳن. بخاري صاحب چوندو هو ته: ”هر انسان جي شاعري نه ٿيندي آهي، پر ڪهاڻي ضرور هوندي آهي.“ ۽ ڪنهن وڏي شاعر، ڪنهن وڏي ماڻهوءَ جي زندگيءَ تي ڪيئي ڪهاڻيون هونديون آهن. استاد بخاريءَ ڪهاڻيون ڪونه لکيون، پر هن جي هر نظم، هڪ ڪهاڻيءَ جيڏو پسمنظر ٿي رکيو. وڏا شاعر زمين مان شاعريءَ جا خزانا کوٽي ڪڍندا آهن. هنن جو اهو هُنر ماڻهن کي حيرت ۾ وجهي ڇڏيندو آهي. استاد ته اهڙو اظهار به ڪري چڪو هو ته: ”جي زندگي مهلت ڏئي ته آءٌ سمجهان ٿو ته، لکڻ لاءِ اجا ان ڪان به گهڻو نه ته به ايتروئي مواد آهي.“ ان ڪان سواءِ زندگي روز هڪ نئين ڪهاڻي آهي. ۽ پنهنجيءَ ذات جو اظهار شاعريءَ توڙي نثر ۾ ڪُٺڻ جو نانءُ ئي ناهي وٺندو، جيڪڏهن شاعر چوي ٿو ته، آءٌ تاريخ مهاساگر جو هڪ ٽيپو آهيان. ته ساڳئي وقت هُو اها ڳالهه به ڪري ٿو ته:

مان اهڙو ڪتاب آهيان، صديون جنهن جا صفحا،
هڪ ڏوُر نپي ٿو، ٻيو پڙهي ٿو مونکي.

ماڻهو ٻين ۾ به جيئندو آهي، شايد اهي ٻيا، ان پيار ۽ وجود جو اهو حصو آهن، جن سان پنهنجي ذات جي تڪميل جو احساس ٿيندو آهي. استاد جي نظمن جو هي ڪتاب، اهڙيون ئي ڪهاڻيون ۽ اهڙي شاعري آهي، جنهن کي پاڻ ’نظم ڪهاڻيون‘ سڏيو اٿائين، هن ۾ ننڍا وڏا 58 نظم آهن ۽ سندس هٿ سان ترتيب ڏنل مجموعن ۾ هي آخري مجموعو آهي.

هي نظم، شاعر جي احساسن، مطالعي، گهري مشاهدي ۽ ذاتي تجربن جو اظهار آهن، جيڪي ڪنهن نه ڪنهن اثر هيئت تخليقي صورت وٺي بيٺا آهن. ۽ اهي ئي شيون نظم لاءِ انتهائي ضروري هُونديون آهن. نظم پنهنجي فارم ۽ صنفي پابندين جي باوجود شاعراڻي اظهار لاءِ تمام گهڻي وسعت/ گنجائش رکي ٿو، تنهن ڪري سڄي دنيا ۾ گهڻو مروّج آهي. نظم جي ڪابه

Scanned with CamScanner

محدود شڪل ڪانهي. پنهنجين پرائين صنفن، ماهين، هائيڪن، ترائيلن، سانيٽن ڪان وٺي مثلث، مربع ويندي نَون ڏهن سٽن تي مشتمل بندن وارا نظم، مثنويون، آزاد نظم ۽ نثري نظم پڻ لکيا وڃن ٿا. جن مان اسان وٽ ڪي ٻاهريون صنفون ڪن ديسي شاعرن جي تخليقي سگهه جي ڪري مقبول ٿيون ته ڪي وري اها مقبوليت ماڻي نه سگهيون.

استاد جا موضوع، مسئلا، ٻولي ۽ لهجو عام وارو رهيو آهي. هن جو اسلوب ڪن جي نظر ۾ سولو ته ڪن جي نظر ۾ مشڪل آهي. جيڪڏهن ڪو شاعر استاد جي اسلوب کي ويجهو ٻه آهي ته اهو استاد جي فڪري گهرائيءَ سان برميچي ناهي سگهيو.

استاد جو اهو عامي انداز، جنهن کي هن هڪ فلسفي وانگر پيش ڪيو، تنهن کي ڪجهه ماڻهن سگهڙن وارو اسٽائيل سڏي ڪَيس نظر انداز ڪرڻ جي ڪوشش به ڪئي. هن پيڙيل ۽ هيٺين طبقي جي ماڻهن جا ڏک ان سطح تي آندا، جتي ڪنهن عام ماڻهوءَ جي نگاهه پهچڻ ڏکي هئي، ڇو ته انهن جي غم جي گهرائين ۾ ٻيو ڪو ايئن لهي نه ٿي سگهيو. استاد جو شاعراڻو فلسفو اهڙو ئي هيو، جهڙو آمريڪي شاعر والٽ وِٽمن جو هيو، جيڪو عامي شاعر هئڻ سان گڏ عام هجڻ تي فخر به ڪندو هو.

هن هڪ نظم ۾، نظم جون ڪيتريون ئي صنفون ڪتب آڻي نظم کي ”گنج“ بڻائي ڇڏيو آهي. مثال طور، رڳو ’پندرهن ۽ پنجيتاليهه‘ نظم ڏسبو ته، ان جو گهاڙيٽو ٻنهه مختلف نظر ايندو. جنهن ۾ ٻه سِٽا، ٽه سٽا، چؤسٽا اهڙي ترنّم ۽ تسلسل سان ٻيڻا آهن جو اهو نظم ڪيترن ئي قيمتي ۽ خوبصورت پٿرن جي ڪنٺي وانگر لڳي رهيو آهي.

موتئي جي اچي خوشبُو
جنهن ڏانهن ڏسي مُرڪي
سو پنۆرا تي قابُو

... ...

سيني تي غني تي پيا،
مسڪين وڳا هن جا.
تُورئي جي ٻني وانگي-
ڪپڙا تي لڳا هن جا.

... ...

Scanned with CamScanner

هٿي نيڻ بنا پيتي، مدهوش شرابي ها
يا جام گلابي ها!
مون پاڻ ڏٺا مونکي، ان سُونهن جو سُنهن آهي
والله عُقابي ها!
پر ڪار ۽ بنگلي جي پيا چار ۾ ڦاسي ها،
آخر ته هُو ڪاڇي جا، مسڪين ها، ساسِي ها.

استاد جا مضوع ۽ ڪردار عام هُجڻ جي باوجود، ايڏا ته پرپُور آهن، جو استاد جيڏو شاعر ئي ان سان نڀائي سگهي ٿو.

هي ته ڏس آسمان، ڌرتيءَ جي
جهول ۾ ڪيترو جڳاڻ ٿو مان.

هن تاريخ توڙي زندگيءَ جي ننڍن وڏن واقعن کي احساساتي رنگ ۾ رنگي پيش ڪيو آهي، نظم ۾ نوان گهاڙيتا ڏنا ۽ نوان ڪردار نظمن جا موضوع بڻايا. ڇو ته ڪيس ان ڳالهه جو احساس هو ته جديد سنڌي شاعريءَ جا موضوع ۽ ڪردار بدلجڻ گهرجن. سنڌي ادب، جنهن لاءِ اهو به چوڻ آهي ته، اهو رڳو ڇهن عورتن تي بيٺل آهي، جن مان هڪ رِلي مُٺِي (سسئي)، ٻي ٻُڏي مُٺي (سُهڻي)، ٽين سڙي مُٺي (مومل)، چوٿين رڙي مُٺي (مارئي)- شاهه ڪريم، عنايت ۽ ڀِٽائي سائين انهن جي پيڙهه ٻڌي- پر اياز ۽ اُستاد به انهن جا ڪوٽَ مضبوط ڪيا. ان جي باوجود بخاري صاحب جو خيال هو ته: "اهو وَرجاءَ تي وَرجاءُ ڪيتري تائين. نَون دؤرن کي موزون ڪردار، اهڃاڻ، اسلوب پيدا ڪرڻ گهرجي." ۽ ان سلسلي ۾ هن عملي ۽ شعوري ڪوششون ورتيون، جيڪي نظم جي حوالي سان خاص طور تي "ڌرتي سرتي"، "هڙئي هيج وطن جا" ۽ "زندگي زندگي" ۾ نظر اچن ٿيون. سندس طويل نظم 'زندگي هئه زندگي' تمام گهڻ موضوعاتي نظم آهي، جيڪو تخليقي خوبين، نئين تجربي ۽ شعريت جي ڪري شاعريءَ جو ته حق ادا ڪري ٿو پر استاد، جنهن نظم ۾ شعوري طور نئين تجربي وارو ڪم ڪيو آهي، تنهن تي لکڻ جو حق اڃا ادا نه ٿي سگهيو آهي. استاد جا ڪيترائي نظم ڪلچر ۽ تاريخ جي اهڃاڻ طور آڏو اُڀري ٿا اچن. ڪيترن ئي نظمن ۾ ان ڪلچر تي شاعراڻي طنز ۽ تنقيد به آهي ته، سندس پيڙائون ۽ پَڇرڻ به سمجهه ۾ اچي ٿو. ڪيئي سوال به آهن ته ڪيئي ويچارَ ۽

Scanned with CamScanner

احساس بہ. ڇو تہ اهي شيون استاد جي ڏهاڙي جي مشاهدن مان هُيون. هن ڏٺو تي تہ ڪيئن نہ غريبن جون محبتون بہ انهن جي قسمت وانگر انهن جي زندگيءَ جي غمناڪين جو حصو بنجي تي ويون.

نظم 'هي انتظار ڪيتر؟' بار ڊوئيندڙ مزدورن جو اُپاءُ آهي. جيڪو شاعر ڪي ڇٽنگ جيتروئي سهي پر سُٺو تو لڳي. ۽ نظم 'اُٺن وارا گلي سان' ڪان (جمالياتي پهلو ڪان هتي) مختلف آهي، جنهن ۾ اُٺن وارا سخت سردين، گرمين، اونداهين، برساتين ۽ بُڪن هوندي بہ اُٺن جي ڇيرن جي ردم تي ڳائيندا تا وڃن ۽ سُنا تا لڳن پر منجهن زندگيءَ جي تبديليءَ لاءِ ڪا سوچ نظر نہ تي اچي. ايتري بي سوچائي، جو شاعر ڪي ساڻن مخاطب تي چَوڻو تو پوي تہ:

اُٺن وارا، گلي سان گيت ڳائيندا هلو-
پر ڪجھ تہ سوچيندا هلو پيارا!

نظم 'زندگي ۽ زندگيءَ جي ڪاڻ...' هڪ نوريئڙي جي ڪهاڻي آهي، جيڪو جهنگ ڪي باهہ لڳڻ ڪري درياهہ ۾ تو ٽپو ڏئي. ڪنهن بنڊَ سان چنبڙي، هڪ ٻيڙيءَ تائين تو پهچي تہ ٻيڙيءَ جا ناکُٺا ڪيس ٻَڌي سوگهو تا ڪن. هن نظم جي پيشڪش جو نمونو اهڙو آهي، ڇڻ ڪوئي پاڻيءَ ۾ ڪُنڊي وجهبو دير تائين بنا ڪنهن حرڪت جي ويٺو تو رهي. ۽ اوچتو سَٽ تو هڻي ۽ پڙهندڙ پنهنجي ڪلپن ۾ ڪُنڊي واري سٽَ تو محسوس ڪري ۽ پاڻ ڪي مڇيءَ وانگر پاڻيءَ ڪان ٻاهر تڙپندو تو محسوس ڪري-

ڇال ڏئي ڏوري ڇني، يا ڇوڪرا ڇوڙي وِڃنس،
يا ڪناري تان سهارا ٽپ ڏئي توڙي وِڃنس،
پوءِ بہ ان جو ساڳيو آڪيرو ڪتي؟
ساڳيو ساٿيئڙو ڪتي؟
زندگي، ير، زندگيءَ جي ڪاڻ پهچي تِي ڪتي!

ايئن 'تُرڪي صحافي' جيڪو ويهين صديءَ جي آخر ڏاري ترين مان صدين ڪان دربدر، ڪلرائين ٻنين، 'ڳوٺ: ڳوڙهن ۾ لوڙيل، گهر، پگهر ۾ تربتر" جُهريل جُهوپيون ۽ گهر ڏسي پُڇي تو تہ، ڇا اهي اَفغان آهن، جن هتي اچي پناهہ ورتي آهي؟ ۽ هن جون فخر مان ڏنل ورنديون ۽ وڏائي پيش ڪيل ڳالهيون، ڪيئن نہ گهڙيءَ ۾ ڪيس ڏِنو تيون ڪري ڇڏن ۽ سندس ڪيفيت عجيب ٿيو تي وڃي-

Scanned with CamScanner

مون چيو: No No
اهي سنڌي اَٽو، موهن دڙي جي دؤر جا
ڪن صدين کان ٿا وَسن هن ديس ۾...

هُن
گهٽوئي پئي پُڇيو پو
مون
گهٽوئي پئي بَڪيو پو...

بخاري صاحب جي سموري شاعري محبت جو پڙاڏو آهي ۽ هن محبت جي گوناگونيت کي شاعريءَ ۾ڀرپور نموني سان اجاگر ڪيو آهي. هن ڪتاب ۾ آيل جاني ۽ لالِي واري نظم ۾ هڪ بلوچ روماني داستان کي نهايت اثرائتي نموني سان پيش ڪيو ويو آهي. هن نظم جا ٻه حصا آهن. پهريون حصو مثنوي جي انداز ۾ 'فاعلاتن فاعلاتن فاعلن' جي بحر تي پيٽيل آهي. ان کان پوءِ اصل قصو آزاد نظم سان شروع ٿي پهاڙي نئين وانگر پنهنجا رستا ٺاهيندو وڌندو ٿو وڃي. مختلف بحرن جي استعمال نظم کي بي پايان ساگر بنائي ڇڏيو آهي. جاني ۽ لالِي جي گفتگو ۽ منظرن جو سِنڌءِ نظم جي ڪن حصن کي اوپيرا جو ويس پارائي ٿو ڇڏي. جذبي جي شدّت سان ڀرپور استعارا، احساسن کي ڇُهندڙ ۽ اکين آڏو ڦري ويندڙ تشبيهُون نظم جي آسمان تي ڪهڪشان وانگر خوبصورت لڳي رهيون آهن. سياري جي چنڊ وانگر استاد جو نبار لهجو نکريو، جرڪار لايو دل ۾ پيهيو وڃي.

دير تي ڪيڏي وئي
هاڻي ته ڇڏ!
او، پڪڙجي پئون نه ڀئي
هاڻي ته ڇڏ!

هن نظم جو پهريون حصو، جڏهن ان عشقيه داستان جو مهاڳ آهي، جنهن ۾ دنيا جهانَ جي محبتن کي ساريو ويو آهي، ۽ اهو هڪ عشقيه داستان هئڻ سان گڏ ڪيترين ئي محبتن جي تاريخ تي پئي آهي. ايڊورڊ ائين کان وٺي مير باگي تائين، سسئي سهڻي کان وٺي امرتا ۽ ساحر تائين، جن محبت ۾ قربانيون

ڏنيون تن کي تحسين پيش ڪيو ويو آهي. جي هٿي ويا تن کي حيف جو حرف ڏنو ويو آهي. استاد جو محبتن جي حاصلات لاءِ اهو نظريو هو ته:

خُورَ دل جي جيئري جڳ ۾ هٿ ڪجي،
خود خُدا جاني ڇِني ته به ڇو ڏجي!

استاد هميشه سهڻيءَ کي سلام ۽ سسئي جي غيرت ۽ نياءَ کي داد ڏيندو رهيو. محبت ۾ مير باگي جي قربانيءَ کي قدر جي نگاهه سان ڏسندو رهيو. ڇو جو هن اها ڳالهه سمجهي تي ته:

سُرنهن کي پاڪُر وحهڻ سولو نه آ،
تخت، ترتان هَٽ ڪٽڻ سولو نه آ.

جڏهن لالِي خانه بدوشن جي قافلي ۾ هڪ خاص مُند ۾ جبل ڪان سنڌ (سنڌ جي بئراجن واري علائقي) ڏانهن لابن تي ٿِي اچي، تڏهن ان قافلي جي، ڪاڇي جي منظرن جي استاد ايڏي ته سهڻي تصوير چڪي آهي، جنهن مان استاد جو انتهائي گهرو مشاهدو، ذاتي تجربي ڪان به اڳيان نڪري ٿو وڃي.

ڪاڇي جا فصل، جواريون، اُنهن جا سنگ، ترِي ۽ ڪانگڙ ڪانا، مال، مايُون، مُڙسالا، شادمانيون، ساز، سُرندا، دنبورا، يڪتارا، ڏينهن جو پورهيو، رات جون رهاڻيون، ڪوهه، ڪُونجون، لاب، ڪاتيون، ڪِيٽيون، وَهٽن تي لَڏا، انهن جو گهرو سامان، جيڪو فرج، الماڙي، ٽي. وي ۽ بيڊ وغيره تي آهي ڪونه، تڏا، تنوريون، جنڊ، اُکريون، مُهريون، ڇَڄ، ٿوهيون، مَشڪون، پيش، نوڙيون، ڪارِيُون، چِلم، چِمٽا، آرا، ڏاڳا، آن جون ٻوريون، ٻَچّ، ٻاٽا، ڏاٽا، ڪَپ، ڪوڏريون، ڪُهاڙيون، اُن ۽ ڍڳن جي پُنيءَ سان ٻڌل ٻارَ ۽ ڪُڪڙيون، پُنيان ڪُتا، پوڙهن جون ڪنجهڪرون ۽ ٻبار ڪنڌڙ جوانن جون حرڪتون ۽ ڪيفيتون، خود لالِي، جيڪا محبت، جواني ۽ وڇوڙي جي ڪيفيت جو هڪ مڪمل نمونو لڳي ٿِي هلي، ان سڀ، نظم کي جيئرِي جاڳندي تصوير بنائي ڇڏيو آهي. ۽ نظم پڙهندڙ کي Involve ڪري ٿو ڇڏي ۽ استاد جي اکين کي ڏکن جي دز ۽ مسڪينيءَ جي ڏوڙ مان به خوبصورتيءَ جا خزانا نه رڳو نظر ٿا اچن، پر هڙني حواسن سان محسوس به ڪري ٿو، جنهن مان سمورو جمالياتي پهلو جرڪي ٿو پوي-

ڏُوڙ مسڪينيءَ جي ڇنڪاريل ڳلن تي
پـو بـه ميندي پير، هٿ، نَنهن، آڱريون
ڏَرَڏُڪن واري ڏِگهين پنبڻين، اکين تي
پـو بـه سُرمائي ڪَجل ۾ آڪِريون
ويس، اَڻ ڌوتا ڪڏوڪا
وارَ ڪنگي تيا ڪلهوڪا
پـو بـه واسيل جسم سارو روهَ جي سرهاڻ ۾.

ڊسمبر 1982ع ۾ ٺٽي ضلعي جي خوبصورت ڍنڍ "هڏيرو" تي هڪڙو سانحو پيش آيو، جنهن ۾ ٻه غريب نياڻيون آمِي ۽ ڦاپي ٻاهرين شڪارين ڪي شڪار طور پيش ڪيون ويون. آمي عمر 12 سال، ڦاپي عمر 14 سال. آمي جا پساهه اُتي ئي پُورا ٿيا ۽ ڦاپي زخمي حالت ۾ اسپتال پُهچائي وئي.

توڙي جو هي واقعو هن ديس ۾ ڪو نئين قسم جو نه هو، تڏهن به نياڻين جي مظلوميت ۽ مسيڪينيءَ ڪافي اَثر ڇڏيو. اهو اثر ڪنهن ڪنهن ورتو، ان کي پنهنجو ننگ ڪنهن ڪنهن سمجهيو. انهن جي ڳوڙهن ۾ ڳُوڙهو ڪير ڪير ويو. انهن جي ڳالهاين تي ڪنهن ڪنهن ڳالهايو!؟ اهو پنهنجي جاءِ تي هڪ سوال آهي.

غاريباڻيون نياڻيون
ڪن لئه ڏڪ جا ڏُونگر
ڪن لئي سونيون ڪاٽيون

•

عربيءَ جا عالمو!
هي سانحو ٻُڌو!
آميءَ جو اصل نالو، آمنه ته آهي!
ڦاپيءَ جو اصلو نالو، فاطمه ته آهي!

اصل ۾ اسان جو معاشرو پنهنجا اخلاقي قدر ۽ روايتون تباهه ڪري چُڪو آهي- بقول ناصر ڪاظمي صاحب جي ته، "جڏهن ڪو به دؤر پنهنجون روايتون ۽ پنهنجا قدر وڃائي ويهندو آهي، تڏهن هڪ ويراني فنڪار کي پُڪاريندي

آهي.“ پر ڇا فقط هڪ فنڪار/ شاعر هڪ دؤر جي تباهہ ٿيل روايتن کي نئين سر جيارڻ ۽ بدلائڻ لاءِ ڪافي آهي؟ يا هن جو اصل ڪم اهو ئي آهي تہ هو مُرده دلين ۾ احساس جي نرم لهر اُڀاري ۽ اعليٰ منصبن تي ويٺلن ۾ مناسب تبديليءَ جو اثر رکندڙن ۾ حق جي آواز جي دعويٰ ڪندڙن کي پنهنجو فرض ياد ڏياري ۽ تاريخ ۾ پنهنجو احتجاج رڪارڊ ڪرائي ۽ مظلومن جي قطار ۾ شامل ٿي وڃي!؟

علي دوست عاجز

حيدرآباد

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

تون جي هجين ها!

تون جي هجين ها تہ ڇا مان ڀيو ڪِي هجان ها!
شاعر تہ اڳيئي هوس.
جذباتي ۽ جوشيلو پڻ.
ڇا تون مونکي ٻڌائين ها مدماتي؟
۽ پيارين ها اڌراتي، پرڀاتي!
ملائين ها ڇاتي سان ڇاتي،
اهڙي جو نہ ٿيان ها هيئن برساتي.

ڪو پَتو ناهہ.
سيئي خواب -
اِجهو هيئن نِڪتا:
ڪي ياد جي اونداهہ ۾ مهتاب.
ڪي سوچ جي سنسار ۾ آفتاب،
مگر خواب.
۽ خواب جي تعبير ۾ تحرير نہ تقرير.
تدبير نہ تقدير.
رڳو تنهنجي تصوير، جا تي تحليل وئي گيتن ۾.
۽ گيت رڳو:
”ڳولا - ڳولا.“

❖

اَچرج ۾ آءُ

ڳائِٽِي هڪڙي نويل ـ
اسٽيج تي پهچي، مچي،
سرمست جي ڪافي چئي.
هڪ ايرنڊڙ نئون ڪوي پٽڪيو:
مزو ناهيس ڪو ـ
ٻِئي ڪي سڏيو!

هُن مگر ڇيڙي ڇڏيو، ڪو ٻيو ڪلام.
ڏاڍو سُٺو ـ ڏاڍو سُٺو!
ڪُوڪ ڪئي ساڳئي ڪوي.
جُهومندو ـ
تاڙيون وڄائيندو، سڄو ٽنبڊو رهيو:
واهه جو آلاپ اٿس! واهه جو ٿس ڏات ڏانءُ.
اچرج ۾ آءُ!
آخري مصرع ۾ اُن شاعر جو نانءُ.

❖

Free

هاسپيٽل جي پرچي هٿ ۾ -
اندر آيو.
ڊاڪٽر چيست چڪاسي،
هن جي بت تي ڪي ٿي وارا ڪپڙا ڏسندي،
ايڪسري لاءِ فري نہ لکيو.
هُن تہ گهٽو ئي چيو ڪيو،
۽ رُنو پِٽيو -
پر ڪجهہ نہ وريو.
... ...
ٿورو ترسي،
پيهر ڦڦڙ چڪاسڻ لاءِ، ڪانئس قميص ڪٽايائين:
پڌري ٿي پئي،
ليڙون ليڙون -
چِتڙيون چتڙيون -
جڻ تہ ڪُڙهي جي تڪرن مان هئي سِيتل گنجي،
هن جي ڦڦڙن وانگر ڪاڏل، ڦاٽل گنجي.
ڊاڪٽر سوچي سوچي -
ساڳي پرچي واپس ورتي.
ڏند پيڪوڙي، لکي ڇڏيائين: Free.

❖

واڏايون

واڏايون ٽئي ميرل ـ ماءُ،
اوري آءُ!
اڄ آفيس ۾ ڏوڪڙ ڏيئي،
ڪالونيءَ ۾ پَٽُ وٺي آيو آهيان.
هوريان، ڏاڍيان، ميرل لئي گھر ٺهرائي وجهبو.
(جوٽس جلدي)
ها پر، ٻُڌ، ..... ميرل جا پيءُ!
رَتَّ چڪاسينڌڙ ڪمپائونڊر، مونکي ڏنو آ ڏاڍو ڏرُ.
چي ـ
تنهنجي نينگر جي ٽي بي، ٽئين ڏاڪي تي پهتي جاڻ.
هاءِ مُنيس!
مونکي ويڙهي ويون ٽئي جهوريون.
ڇا جون جايون؟
ڇا جون جڳهون!
پَٽُ کپائي پُٽَ جي ڪر!
منهنجي ڏاجي وارو، هار،
نيئي ڳار.
پُٽَ جي لاءِ.
هان وٺ هِيءُ!
جلدي تِيءُ!

❖

Scanned with CamScanner

مَسلُول ماستر[1]

هو مري ويو.
اڌ مئو اڳ ۾ ئي هو.
چار ٻار ۽ زال مڙس.
پاڻکي ٽئين ڏاڪي جي ٽي بي هُيس.
۽ پُٽس پهرئين ۾ پاتو پير هو.
چار سؤ روپين جي لاءِ؟
نه.
چا ڇهن پاتين جي لاءِ؟
نه.
ڇهن ساهن جي لاءِ.
ڇهن سَوَن ساهن کي بي حس يا بي وس ٿي ٻڇيندو سِلهه هو.
ڪنگهندو ڪنگهندو.
اٿندو، ويهندو،
ساهه ڪٽندو، سهڪندو،

اسڪول ۾ هو پهچندو.
جيئرو - مُردو ٻارڙا پاڙهيندو هو.
... ...
اڄ مري ويو.
خود ڇُٽي پيو.
پر،
پڇيان ويا ڦاسجي -
اڻ ڳڻتي ڳٽي ۽ ساڳي سيله هٿندڙ سِلهه ۾.
سِلهه -
پنهنجي ملڪ ۾ پکڙي ٻه ڇو؟
ماستر مسلول ڪو اسڪول ۾ سَهڪي ٻه ڇو؟

❖

❶ مسلول: سِلهه ورتل.

اڳتي قَدم

❶ ٿيهتر جي سِير.
هڪ وڏي اسٽيج، هڪڙو چونڊجي آيل وزير.
جوش
جهنڊيون
روشنيون
نعرا نوان.
گلم
ڪرسيون
ڪوچ
بئنچون
اهتمام.
عام ويچارا:
ريڊون، ٻڪريون، هجوم.
گيٽ، گهٽَ، پڳ پڳ پوليس.
چؤطرف لائوڊ ـ شور
تيز تقريرون ـ
مبارڪ تي مبارڪ، زور زور.

Scanned with CamScanner

اوچتو،
❷ هڪڙي مقرّر نوجوان ڪان پيو ڪِري اسٽيج تي "اڳتي قدم".
ديد سان اڳتي قدم ڏسندي وزارت جي سُسي ڪرسي وئي.
بوکلاهٽ ۾ پيو وقلي وزير:
هيتري محنت ڪئي اٿسين، اجا اڳتي قدم؟
"هي ڪو ناهي پمفليٽ" ويجهڙي ورڪر چيو.
"ڇاهي" چئي، ڪاوڙ ۾ ڇيهاڙي ڇڏينئين.
"هي رسالو آ حضور" ڪارڪن ڪنبندي کهيو:
... ...
پُرزا پُرزا ٿي ڇُڪو، "اڳتي قدم" اسٽيج تي
پوئتان پئي ڪيترن ڪُوپن پڙهيو:
"اڳتي قدم!"

❖

---

❶ سِير: وِچ، يعني سال جو اَڌ.
❷ اڳتي قدم: ان وقت هڪ سنڌي رسالو.

آمي ۽ ڦاپي

24-12-1982

چئن پنجن ڏينهن کان ملڪي اخبارن جهڙوڪ امن، حريت، هلال پاڪستان، ۽ جنگ لاهور ۾ خبرون پيئي شايع ٿيون آهن ته آمي، ڦاپي نالي ٻه الهڙ نينگريون، ڪنهن ملڪ (عرب) جي سفارتخاني جي شاهي شڪارين جي بريءَ طرح شڪار ٿيون آهن.

ٺٽي ضلعي جي خوبصورت ڍنڍن مان هڪ "هڏيرو" ڍنڍ به آهي، اتي اهي سفارتڪار شڪاري پهتا، ضلعي جي ڪنهن مشهور آڙيڪاپ دلال (پڙوي) جون خدمتون خريد ڪيون ويون ۽ ان جي مدد سان آمي ۽ ڦاپي نينگريون گهرايون ويون. آمي، عمر 13 سال، ڦاپي، 14 سال عمر.

آميءَ جا پساهه ٺڏي تي پورا ٿي ويا. ڦاپي ڦتيل اسپتال ۾ پهچائي وئي. آميءَ جو لاش پوليس ٿاڻي تي آڻي (پئسي ۽ پاور جي زور تي) رپورٽ درج ڪرائي وئي ته اتفاقي حادثي ۾ مري ويل هئي. پوليس آميءَ جو لاش، اسپتال ۾ پوسٽ مارٽم لاءِ موڪليو جتي به دستوري وڏڪٽ کان پوءِ لاش وارثن حوالي ڪيو ويو ۽ مالڪن آميءَ کي دفن ڪري ڇڏيو.

ڦاپيءَ کي زخمي، مرڻينگ حالت ۾ ٺٽي جي سول اسپتال ۾ داخل ڪرايو ويو. جنهن ماڻهو اهي نينگريون پهچايون هيون. ان خلاف ٿاڻي تي ڪيس پڻ داخل ڪيو ويو، هن سڄي قصي جو عام طور ڪنهن بني بشر کي ڪڙڪ پوڻ جو ڪوبه امڪان نه هو پر رات جي بيگاهه وڳڙي جو رڪشا واري کي رستي تي بيٺو ڏسي، رينجرس پوليس جي پڪڙ پڇاڙ ڪرڻ تي سمورو ڀاندو ڦاٽو.

ڊپٽي ڪمشنر ٺٽو اخبار ۾ هڪ رسمي بيان ڏنو ته سياحن واري واقعي جي ڪا تصديق نه ٿي سگهي آهي. گهٽ ۾ گهٽ ڊپٽي ڪمشنر اڳيان ڪوبه اهڙو فريادي ماڻهو پيش نه ٿيو آهي.

Scanned with CamScanner

آمي ڦاپي

عربيءَ جا عالمو!
هي سانحو ٻُڌو!
آميءَ جو اصلي نالو، آمنه ته آهي.
ڦاپيءَ جو اصلي نالو، فاطمه ته آهي.

•

غاريباٽيون نياٽيون.
ڪِن لئه ڏک جا ڏونگر،
ڪن لئي سونيون ڪاٽيون.

•

ماجر جون ڏيئر،
مونکي ياد اچي ويون،
ڏاهر جون ڏيئر.

❖

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

ڪُتا

ڏِند هڏيريءَ پرتي هڪڙي ـ
❶ سوئر، پوندڙ، ٻَلهر چڏيا ـ
بنگلي وارو باغ چرڻ،
... ...
ڪمري ڪمري ۾ ڪئين ڪُتّا
ٻُڪّيا ـ
چِتّا
... ...
ٽُٽّا ـ
گوشت پَٽي ويا،
رتّ چٽي ويا، ٻچڙن جو.

❖

❶ سوئر: پيءُ، پوندڙ: ماءُ، ٻَلهر: ٻار.

Scanned with CamScanner

ناطق چيتا [1]

يا تہ اجاريون،
سخت بڪاريون.
يا تہ مُنيون مجبوريءَ ماريون.
هي جي هرٽيون ايڏهن آيون -
رات انداريءَ جي رڻ پَٽ ۾.
... ...
روشن ڪرٽا:
ڪاريون غارون
"مهذب" بگھڙن پڪڙيون، ڦاڙيون.
"ناطق" چيتن چچريون، چيريون.
هي جي هرٽيون -
مگيون نہ پرٽيون.

❖

---

[1] ناطق: ڳالهائيندڙ.

اَڃَ

اَڃَ
حي ميم حرامين جي
لالَڃَ
باه ـ وَنن سونن ڏالرن جي
مَڃَ
پٽرول جي شعلي جا
مڃ
مفت جي ناٽي جا،
مڃ
خط استوائي تتل ريتيءَ جا.
مڃ
ولايتي وسڪيءَ جا
مڃ
انساني/ نفساني/ حيواني/ شيطاني مستيءَ جا
پَڃَ
تيرهن سَرئي آميءَ جي
پڃ
چوڏهن چيتي ڦاپيءَ جي
اَڃَ
الف جي نالي جي،
ها، هيڏي ساري الف جي اَڃَ.

❖

Scanned with CamScanner

ٻہ ڪُونجون

هڪ ڪونج نانءُ آمي
ٻي ڪونج نانءُ ڦاپي.
هڪڙي حسين هيرو، ٻي جهڙي موتي داڻو.
ويئي ڳنهيو وني تو هيرا ۽ موتي ناڻو.
ٻئي ماڳ جون مهاڻيون.
هِن سنڌ جون نياڻيون.
تاڙي تڙي اماڻيون،
اوڏهن ڏِنئون اُلاري.
جيڏهن وَڏا شڪاري.
هاڻُو هٿن جي حد ۾،
تِيرن تڪن جي زد ۾.
ڪئين تير ڪنبي ڪنبي ۾.
ڪئين تير ڇهنب، ڇپ ۾.
ڪئين تير اُره، اڳ ۾.
ڪئين تير پوله پٺ ۾.
ڪئين تير ران - رڳ ۾،

ڪئين تير تنگ تنگ ۾.
مطلب تہ انگ انگ ۾.
تُنبجي تباھہ ٿي ويون.
آمي تہ وئي اُڏامي.
ڪلجي ڪپي وئي ڪامي.
ماڻيائين سيج ۔ سامي.
ڦاپي بہ ويئي ڪاپي.
ٿاپي جي پويان ٿاپي.
ٿاپي جي پويان ٿاپي.
ٻُوهِي سماج پاپي، ساري ڦٽي پئي ڦٽڪي.

❖

پورهيت

پڙهندو ناهيان،
ڪڙهندو ناهيان،
ڪيئن ٿا چئو؟

ڪنهن ڪرسيءَ تي پنتي ليٽي،
ميز وڏيءَ تي اڳتي لڙڪي،
ڪاغذ، لفظ تڪيندو ناهيان.
آهيان صبح سوير پڙهندو، چؤنڪ پرائي وٽ مزدور.

هر ايندڙ ڏي گهوريندڙ:
هيءُ مالڪ من ڪم سان لائي!

هيءُ رازو شل ساڻ سڏائي!
آڻ الا ڪو نيڪي وارو!
ياڳ پلارو ڪر ڏاتار.
جڻ تہ تغاري تاج ٿا سمجهن.
ڏول ـ ڪنواني ڏاج ٿا سمجهن.
گارو ـ گِل جڻ خاص ڪٿوري.

Scanned with CamScanner

سيمينٽ، بجري، باغ بهاري،
ڪارو ـ ڪاڙهو مينگهه ملهاري.
چو تہ مزوري ماني آهي.
ماني ئي زندگاني آهي.
ڪيڏو پورهيو سخت مليو،
چڻ بخت ڪليو.
بخت هي ڪنهنجو جي نہ ڪُلي.
ڏينهن ڏُلي ـ
۽ رات رُلي.
ڪم تي پورهيت چڙهندا ناهن ـ
سڙندا آهن.
پيلا، نيلا، ڳاڙها وينا وتبا سٽبا آهن.
پنهنجو شرم لڪائڻ ڪارڻ هڪ ٻئي کي ٺوڪيندا آهن.
مهٽا ماري، ڪوٺو، ڪوڪو ڪلندا آهن.
روح ۾ رئندا رڙندا آهن.
پاڻ ئي پاڻ ٻڄرندا آهن:
رات سنياري،
سودو ساري:
ٻيڙيون، چانهہ، اٽو ۽ دال،
بک ۾ پاهہ ٻچا ۽ زال.

❖

دُعا

فقيرائي پوڙهي ـ
۽ بازار ڳاڙهي.
ڏنم پيٽ ـ پُوڄا جو ڪوڙهيو طريقو ـ
ٻہ ـ رنگو اڏنگو.

دعائون ڪندي،
ڪرسي ڪرسي تڪيندي،
سهيڙيندي آنڪ، ٻياني سوالڻ،
اچي پهتي هڪڙي موالڻ جي سامهون.
(موالڻ عمر جي پڪيري، مهانڊن جي مسڪين ميري)
(سچو هٿ ڏگهيري)
❶ ”خدا واسطي خير آنڪ، ٻياني.“
”خدا واسطي خير جيڪو پڄئي“
”اچا تائين مون ڪاٻہ ٻهٽي نہ ڪئي آ“
”مائي معاف ڪر!“
”خدا توکي ٻهٽيون ڪرائيندو ڪوڙ!“
”خدا تنهنجو ڏنڊو وڌائيندو اور!“
”خدا واسطي خير...

❖

---

❶ نوٽ: اها گفتگو ڪجهہ سنڌي ڪجهہ اردوءَ ۾ ٿيندي رهي.

اي بيدمشڪ جا وڻ! (فئنٽسي)

هو ڏور ڏور بادل،
جڻ آسمان ـ ساگر ۾ بادبان تاڻيل.
رفتار تيز ناهي مجبور هوري هوري،
اوڏانهن ٿا ڇُرن پيا جيڏانهن واچ ڇوري.
... ...
هي دور دور سِرٽيون ـ
جڻ ڪنهن شفاف جر ۾، آجيون مڇيون ترن پيون.
ڪنيڙيون نہ ٿيون هٽن پر جڻ تارڙيون ڏين پيون.
ڪيڏيون نہ ابتيون سبتيون گهورون، گهُتون هٽن پيون،
اي بيدمشڪ جا وڻ!

جهرڪيون بہ چار توتي وينيون ڪنهين ڪنيڙا،
ايڏيون نراس ناهن،
پر ڪجهہ اداس آهن.
ڪو جهرڪ ٿِڪ ڪونهي.
ڪِا نوڪ جهوڪ ناهي،
پُتڪيون ڏئي اڏاٽيون.
اوجهو، وري بہ آيون!

Scanned with CamScanner

پر جهرڪ پو ٻه ڪونهي -
اي بيدمشڪ جا وڻ!

پن پن نچي ٿو تنهنجو!
يا تن لچي ٿو تنهنجو؟
ٿي شاخ شاخ جهومي،
يا ٿارِ ٿارِ تڙپي؟
يا واءُ ٿو ڏانڊولي،
بي ڏيان جان تنهنجي.
... ...
مان جنوريءَ جي اُس ۾ -
ڪرسيءَ تي ٽيڪ ڏيئي،
پيو ڏارون پروڙيان،
اي بيدمشڪ جا وڻ!

ڪيڏو نه ڪُند نڪتا تنهنجا ابا ۽ ڏاڏا،
ماحول، حالتن سان منهن ڏئي سگهيا نه ايڏو:
اپڙي سگهيا نه ايڏو جو ڪو نه ڦل جهلين ها!
اڏري سگهيا نه ايڏو جو جهرڪ ٿي پوين ها!
اسري سگهيا نه ايڏو -
جو ٿين ها منهنجو جيڏو،
اي بيدمشڪ جا وڻ!

❖

پوءِ!

ٿاڙهو ٿاڙهہ ڳلن تي ڳوڙها.
سڏڪا ـ سهڪا.
آءٌ اچرج ۾!
ڇو ڇو؟
ڇا ٿيو؟
ترت پتو پيو
ڪڪڙي واري برڙي ڇيليءَ ـ
لُوسڻ ڪاڏي
برتي ورتي.
تڙپي تڙپي، ٿاتي مُئي.
ڏيءَ کي دلاسا ڏيندي سوچيم:
ڳوڙهن جي ڪٿ ڳالهہ ٿڪي؟
آڏو اچٽا مگٽا آهن.
مگٽن ڪانپو پرٽا آهن.
پنهنجا ٻچڙا ڇمٽا آهن.
اگهي ـ سگهي سي لچٽا آهن.
ڪي تہ انهن مان مرٽا آهن.
ٻچڙي پوءِ؟

❖

پيري پيري پرٽو

هڪڙي جُوءِ ۾ هڪ جاتيءَ جو هِيءُ دستور.
ڌارئي ڌَڙ سان -
ناري ڪاري،
ننگين انگين،
ڏسبي -
وڍبي.
پر تنهن تر ۾،
ڪڏهن گهر ۾،
ڪڏهن واهه ڦِتل جي تر ۾،
بعضي ڪٽڪ، ڪمند، جوئر ۾،
ٿئي ورهيارو هڪ ٻه ڪاري قتل ضرور.
... ...
مون هڪ سياڻيءَ کي سمجهايو:
ڪنڌ، ڪهاڙي ڪڙڪڻ واري -
توڙي مري ٿي،
پيار ڪري ٿي،
ڇا ٿي سوچي اهڙي ناري؟
مُرڪي مُرڪي،
مُنڊ وراڻيو:
”مرٽو هڪڙي ڏينهن آ سائين،
پر هي پيري پيري پرٽو ڪير ڇڏيندو؟“

❖

يار

ڏينهن جو ـ
رمضان ۾ روزو رکيل هڪ پائٽيو ـ
بندوق سان ماريو ويو.
اهڙو سهٽو سلڇٽو ـ
جو جنهن ڏٺو هو ـ
سو رُنو.
چاچي نه په ڳه کپايا.
ڳه کپي، ويا خرچجي.

چاچي پوءِ وڪٽي ٻني.
سو سڄو ناٽو وڃي لِڪندي ڏنائين ـ
پنهنجي پيارِي يارِ کي.
يار هئي قاتل جي پيڻ.

❖

گنم

چار درجا پاس انگريزي مگر ڪمپائونڊر.
خانگي هڪ ڊاڪٽر وٽ.
منهنجي تنخواه ڏيڍ سؤ.
۽ هن جو سؤ.
(هي زمانو سٺ جو هو.)
مان پچايان پاڻ ماني، ڪاوان دال.
هو هميشه هوٽلائي مرغ ـ مال.
هر طرح خوشحال.
خرچڻ آل جال.
مون پڇيو: ڀي ڪا زميني داري زڙي؟
”ويسو بہ نہ.“
ڊاڪٽر ڪان خاص خرچي؟
”پيسو بہ نہ“ .
ها تہ بيمارن ڪان بخشش؟

”سو بہ نہ“

ڇا پلا؟

”هر مهيني ڪيس ڪي چوري بہ ٿي ملندا اٿم.

بس بخاري گنج تي پوندا اٿم.“

ڪيس؟

چوري؟

ڇا ڇيئہ؟

هُن پنهي چُٽڪي لکي مونکي ڏني

Abortion.

❖

Scanned with CamScanner

نيٺ ناهه

ڇهه ماڻهو هڪ ڏُر جا ”تا“.
چار وري ٻي ڏر جا ”دُق“.
هِڪ پهرين ۽ ٻي ٻِي ڏُر جون ڀُورل ٻَڪُ.
زالون، هيسيل.
ٻار هراسيل.
مڙسن ۾ مانداڻ متل.
ذاتي رڳڙو،
جاتي - جهڳڙو،
ڪوئي ڪُهنو ذهن اچا پيو قومي جهيڙو.
جيڏهن ڪيڏهن جوشيلا.
چُرچ
هُشون
ٻَچ
طعنا، مهڻا،
ڪُڪڙن وارا ڦوڪارا.
پائر، پائر ”مارا مارا“.
”ٻلي ٻلي“ جي بات نہ ڪائي.

Scanned with CamScanner

”گري گري“ جا گهر گهر نعرا.
پوڪون: چوريون.
ٻنيون: چنيون.
ڍڳ: نڌڻڪا.
ڏنڌا: اونڌا.
ڳهه: سونارن وٽ ڳرڻ پيا.
ڍورَ: پڙيءَ تي ڍِڪن ڪپڻ پيا.
فصل، مقاطعا.
لاريون، نيڪا.
قرض ڪچڻ پيا.
چيڪون، رقمون،
دستيون، بيگون.
ڪامورن جي گهر تي پهتيون.
منٺون، ميڙون تنهن ڪان ڌار.
جهوريون ڳٽيون تنهن ڪان ڌار.
ڇهن مهينن جي ڇڪتاڻ.
هيڏو هاجو ء رت ڇاڻ.
جرڳو ويٺو،
هرهڪ ڌر تي ڏنڊ مڙهيو ويو.
ڪيڏي ڦهر تباهيءَ ڪانپو ـ
”ساڳيو ناهه“

❖

پاڳيلو پاءُ

سهڻيءَ جهڙي سهڻي.
سسئي جهڙي سجلي.
هُن جي پُورل پيڻ وٺي وئي رئيس وڏي ڪي.
هُن نہ چيو: تون ٿيءُ تماچي هِي نوري.
تون ٿِيءُ نارو هيءَ سوني.
”اڻ ٿيٽي رِت.
تون ڪِٿ مان ڪِٿ“
”پونگي، بنگلو سيڻ، نہ سوچ،
باقي توکي هوندي موج“
ايئن نہ ٿيندو، وير وراٽيو.
ائين ئي ٿيندو، ڏاڍ دبايو.
’بدمعاشي‘ ۾ ٺيپ لڳي وئي ٻارهن ماهہ.
ڪاتي موٽيو.
ڪيس جڙي ويو جهيڙي جو.
ٺيپ ڀڏي ۽ واپس پهتو سينٽر جيل.
پنتي ساڳيو صديون پراڻو، مجبوري ۔ مختاري کيل.

زوري ياري.
زوري محبت.
زوري ميل.
ويل ئي ويل.
سالن ڪانپو پڙڪي نڪتو پيٽ جو پاءُ ـ
ڏوڙ ـ ڏڪاءُ.
ظالم زاني پرزا پرزا،
پاڳيلو هو پيٽ جو پاءُ.

❖

Scanned with CamScanner

نئين سنڌ

جهومي جهومي، جلسي ۾.
دوست ڏنا پئي دل تي داد.
سنڌي نغمن.
قومي نعرن.
تي دلشاد.
سُور پِٽيائين پئي هر سنڌي سانحي تي.
ساهَہ ٽڏا ها، هلندڙ قومي الميي تي.
... ...
رات وٽس ئي ترسيس.
صبح سوير جو جاڳيس.
هُن جون پياريون پيٽيون آيون.
قوم پرست جون ڇايون آيون.
صبح ـ سلام ۽ چانهہ رکيائون.
هڪڙي ڦول گلاب رکي،
مونکي چيو ڪجهہ مُرڪي مُرڪي:
”انڪل،
میرے لئے غزلیں اردو میں بھی لکھئے نا!“

❖

14 صفر ۽ 21 اپريل

(پيءُ) - پُٽ، اڄ سادي يارهين ڏاري،
هلبو صوفين جي اوتاري.

چوڏهين ماه صفر جي آهي،
شاهہ لطيف جي ورسي آهي.

شاهہ جا بيت ۽ وايون چوندا،
سارو ڏينهن رسالو پڙهندا.

(پٽ) - بابا، اڄ ڪا موڪل ناهي،
مونکي مڪتب وڃڻو آهي.

(پيءُ) - "چئبو اڄ ڪا موڪل ناهي."

(پيءُ) - اڄ چو چوڪر سنبريو ناهين؟
ڇا تون مڪتب وڃڻو ناهين!

(پٽ) - ايڪيهين اپريل جي آهي.
شاگردن کي ڇُوٽي آهي.
شام وڏو هڪ جلسو ٿيندو،
جلسي ۾ ڪو ليڊر ايندو،
پاڻ بہ اوڏهن ويندا سون،
تاڙيون، نعرا هڻنداسون.

(پيءُ) - پُٽَ سمجهيم، اڄ موڪل آهي.

❖

نہ تہ...

آءٌ بہ ٽيچر،
يار بہ ٽيچر،
هاسٽل نمبر...
ڪمرو نمبر...
صبح سويرو ليسن ڪارڻ، ”ليسن بوڪ“ جو وڻڻ هليو ويس -
روم سندس مان
روڄ اچي پيو ٻار ننڍي جو ”اوئان اوئان“
نار اچي پئي
ٽڪڙي ٽڪڙي،
نڪتي اندران.
”ننڊ اچي وئي يار ٻنهي کي
هي تہ ڇڱو جو تون آئين، نہ تہ...“

❖

سنهڙو چولو

لُري جنوريءَ جي،
صفا سنهڙي چولو،
پَير، ٽڪ پڌر،
ڏگهيڙي سڄي ٻانهن، ٻَس مان ڀِني پئي،
ٽڏيون سيسراٽيون،
جوانن جون جهاتيون.
ڇُٽي بس تہ موٽي ـ
اچي هيٺ ويٺي،
ٿُلهي لوئي ويڙهي.

❖

Scanned with CamScanner

تو بُڌو ته هوندو!

سورهن سالو آءٌ لاسرات.
سترهن سالي هوءَ سوغات.
ها، هوءَ منهنجي ڳوٺ جي بلڪل چوندبيل حُور.
سونهن سُٽان پيو -
داين، ماين واتان باقي درسن دُور.
چوڌاري ديوارون پردو.
نر پڪيءَ تي پهرو پختو.
هڪڙو ڏينهن خدا جو چئجي.
گهرَ ۾ هيءُ پڙهو پيو پڙهجي:
پوڙها، جوان ٿيو پاسيرا، گهر ڏي ڳوٺ - پري پئي پهچي.
سورهن سالو شوق لِڪي ويو لانديءَ ڏي.
هوري هوري حور اڱڻ تي اتري، گهوگهي برقعي ۾.
ترسي جا ٻه گهڙي آڳر تي -
ڪونيءَ ڪي پٺ ڏيئي ويئي.
آءٌ اُڪنديو، تِر ٻه تدارڪ ٿي نه سگهيو.
ڳوٺ - پريءَ جو جلوو جو پسجي نه سگهيو.
... ...

ڳوٺان اسري دادو پهتس.
ورهيه وهي ويا.
ڪوڙ ڏهي ويا.
ڪوڙ ٺهي ويا.
چيٽ وچان چوٽيهه ٽپي ويا.
زال سڻايو:
تنهنجي ڳوٺ جي مائي آهي، توسان ملندي.
سُورَ سليندي،
رُئندي رڙندي،
مجبوريءَ ڪان مددون گهرندي،
نانءُ ڏسيائين،
۽ پوءِ پڇيائين:
مون بابت تو ٻڌو ته هوندو - نندي‌ءَ وهيءَ ۾!

❖

Scanned with CamScanner

بُک

پيٽ بُکارو هو مهمان.
بره بکارو هو ميزبان.
❶ پِنڊيءَ سان گڏ پِنڊو گڏجِي،
جيڏي خاص تئيس پئي خدمت،
ايڏي تنگ طبيعت سمجهو.

ٿَهڻ تئي تہ بہ، ٽُکرا ٽکرا ـ
چو تہ زليخا وارو وار،
هردم هن وٽ هُيو تيار.
چُهڻ تئي تہ بہ ڇيهون ڇيهون ـ
چو تہ لِکي ٿو عشق نہ مشڪ.

سهڙُ بکارو هِينئن چڙهي ويو ـ
نيٺ بُکاري شِينهڻ هَٿِ.

❖

---

❶ پنڊي: ڊبکي مطلب ماني.

ڏَرُ نہ ڏاھا!

رات جو پويون حصو پيو ھو اچا،
در تي صدا،
ٺَڪ ٺَڪ ٺڪاءَ.
دَرَ پٽيو گھربل تہ سُڏڪا ھلڪڙا:
پيارڙو ٻچڙو ٽَپيو وِڦليو لٽا ڦاڙي ٽو پيو،
ٽورڙو ھلجو، ڏِسو ۽ ڏَس ڏيو.
گھر گِھڙيو ڏاھو ـ
ڏسيو ويو گھر ڏٺيءَ ڪي سُنڌ، ماڪي ۽ وڏو ڦوٽو وڪر.
”ٻوڙ ماڪيءَ جي پٽيان ـ
۽ ھا وڏو ڦوٽو بہ ھُن پوھوءَ پساريءَ ڪان ٻڪو اڄجانءِ ونيو.“
(ھو ٻُڪيو وڪرن پٽيان)
رَن چيس چُٺي: برابر ڇوڪري ڪي آ لڳي تڏ ۽ چڙھيو سر تي بخار،
پر ـ
انھي ڪان وڌ، وڏو ڇوھو ٽِڪو ٽڪڙو چڙھيو مون تي بخار.
”ڏَرُ نہ ڏاھا،
ٺار ٺار!“

❖

Scanned with CamScanner

سودو ❶

ڀهران ڪُوڙو، ڪُوَڙو.
اندران سچو، سُوَڙو.
ماڻهوءَ جي مجبوري ـ سودو.
محبت جي منظوري ـ سودو.
تخريبي، تعميري ـ سودو.
تحقيري، تعريفي ـ سودو.
ڇا ٻـ هجي پر هِن تَرَ جو تاريخي سودو.
رسمي سُرپر: توبه ـ توبه!!
جسماني گُهر: شابا ـ شابا!!
... ...
”هو هڪبئي جي جوئن سان ويا جُڙي، جُنبي.
هوءَ هڪ ٻئي جي مڙسن سان ويون نهي، نُڪي.
تي ويو سوڊو.
شريعت سوڌو.“

❖

❶ هھڙا مثال اڻلڀ ته سهي، پر آهن ضرور. گهٽ ۾ گهٽ منهنجي علم ۾ ته اهڙو هڪڙو مثال ته گذريو آهي.

تُرڪي صحافي

ٽرين مان تُرڪي صحافي ـــ اڳيرو اچلي نظر...
مختصر
پَر پُر اثر.
منهنجي دردِيلي نِگه ڪان سؤ دفعا گهڻ منتظر.
گرم گهوماٽيل هوا جي صحن تي ڪمرا ڪڪر:
مَن مُنتل ـ
ماندا ٽڪل ـ
چوڦير ٽاپڙندا وتن، ڪائن چڪر،
ٽرين:
دَڙ ـ دَڙ دَڙ دَدَڙ ـ دَڙ دَڙ دَدَڙ، وڌندي رهي.
هڪ وديسي جي نظر ڦِرندي رهي:
ڪيٽ، وڻ، ٻنيون، پٽر،
ڪن صدين ڪان دربدر.
سيڪ، ساريون، جَر، ڪلر ـ

❶ ڏرتي ڏَبر،
ريلوي رستي سان ڪئي ننڍڙا ننگر:
ڳوٺ: ڳوڙهن ۾ لويڙيل، گهر: پگهر ۾ تربتر.
پَٽ، پَهير -
در تي ڍنگر -
ڇپريون، ڇپر -
ٽُوٽيون، پڇر -
جُهوپيون جهريل -
وڪريل ٽيڙ.
ويهينءَ صديءَ جي انت ۾ ڏسندي، مونکان تُرڪيءَ پڇيو: (انگريزي ۾)
”ڇا اهي افغان آهن؟
جن پناهه آهي لڌي هن ملڪ ۾؟
مون چيو (No, No)
اهي سنڌي اٿوَ، موهن دڙي جي دور جا -
ڪن صدين کان ٿا وسن هن ديس ۾.
هُن -
گهٽو ئي پئي پُڇيو پو - .
مون -
گهٽو ئي پئي بڪيو پو...

❖

---

❶ ڏَبَرَ: ٽڪرين مان ٺهيل رَلي يا اوڇڻ.

پانڊي ملاح [1]

ذري گھٽ اڻٽيھ بن صدين جي ڄمار
او پانڊي ملاح!
خبر ڏي تہ:
نائون ڪتو ڪيئن هو؟
۽ ميرن ڪي گھر مان لڳي ڪيئن هئي؟
ببر هوش محمد، وطن جي حقن لئي ڳجھو ڪيئن هو؟
۽ وڙهيو ڪيئن هو؟

❖

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گھر

---

[1] هلال پاڪستان ۾ خبر پڙهي تہ پانڊي ملاح، ڳوٺ احمد ڪمدار ۾ وڏي عمر وارو اڃا حيات آهي. 190 سال عمر اٿس. (ان وقت) سنڌ جي تاريخ جون ڪافي ڳالهيون برزبان ياد اٿس.

Scanned with CamScanner

نفس*

”نفس کي ماري ڪيو جنهن ميدان، سو سورهيه سچو.
❶ ”نفس ظالم کي ڪُهي ڪترا ڪريو.
نفس جنهنماريو جڙيو.
نفس جنهنجو جيترو مضبوط مَست ـ
روح تنهنجو تيترو ڪمزور سُست.“

مولوي صاحب تِکي تقرير سان ـ
جوش، جذبي، جهد سان ـ
ڳوٺ جي ڳوٺ کي سمجهايو گهٽو.
باک تائين هي هليو پئي سلسلو.
ڪيترن سُڏڪيو، رُنو.
’توبه توبه‘ ورد سيني پئي پڙهيو.
. . . . . .
پهر سج جو ڳوٺ ۾ ماتم مَتو.
❷ هڪڙي ڳيرو ”نفس“ پنهنجي ڪي ڪهاڙيءَ سان صفا پاڙئون ڪپيو.

❖

---

* هيءَ ڪا جُڙتو ڪهاڻي نه آهي، پر اسان جي ڳوٺ لڳ ٿيل سچو پچو اندوهناڪ واقعو.

❶ ڪترا: ٽُڪرا.

❷ نفس: مردانو مخصوص عضوو، ڀراڙيءَ ۾ اهو لفظ انهيءَ معنيٰ ۾ استعمال ٿئي ٿو.

Scanned with CamScanner

پردو

ماءُ: ريجهائي مئنيجر جا ننڍڙا ٻار.
پيٽس: بينل هُنَ بنگلي تي.
جوٽس: گارمينٽ فيڪٽريءَ تي.
ننڍڙو ڪوارٽر.
”رازا رکجئين اُوچي ٻاهر جي ديوار!“
”پردو آهي ضروري يار!“

❖

Scanned with CamScanner

آءِ ـ وي ـ پي

”ڪراچي ايڪسري“
’توکي ڇاهي‘
’ڪيا تڪليف هے بڙے ميان آپڪو؟‘
’تسي ڪيوين آيئو اِتے؟‘
چوڌاري چوبول چلي.
... ...
چهرو، ڏاڙهي، مُڇون سنڌي.
پٽڪو، اجرڪ هر شئي سنڌي.
”ڪاٿي وينا آهيو پائو!“
❶ هتِ ڪانوڙ (هٿ بہ ڪنيائين هڪڙي پاسي)
ڇا تَڪليف آ؟
گهر واريءَ کي بيماري آهي ـ
پر هتِ کهڙي شرافت آ.
سخت ذلالت نافت آهي! زاري آهي!
شل نہ خدا ڪنهن کي ڦاسائي (هٿ ڪن، نڪ تي، توبه توبه)
ياد اچي ويو ـ ”اينيما“.

❖

---

❶ ڪانوڙ: سپر هاءِ وي لڳ ڪراچيءَ پرسان ڳوٺ يا جوءِ.

بُکاري

پڪڙجي پئي ننگين انگين
(پلاءُ، زردو، ڪڪڙ جي ٽنگ کائيندي)
لڏي ويو لال هن وارو.
چڏي ويو ٽَرُ، پري ڏاڍو.
گهران سُهري تڙي، لوڏِي.
رکي پيڪن مُٺي مجبور پر پهري اندر سوگهي.
... ...
پلاءَ.
زردي،
ڪڪڙ جي ٻوڙ کاڌي -
چار سال آهن چڪا گذري.
مگر ٿي بند ويئي دال، ماني ۽ سُڪي روٽي ٻه گهر واري
بُکاري، ڪيتري هوندي هُوءَ ويچاري!

❖

پُٽَ مبارڪ!

پهرين: ڌيئون.
ٻيءَ مان: ڌيئر.
ٽيءَ مان: ڌيءُ.
ٽيئي زالون ڪوٺين قابو، بنگلين بند.
”هئه هئه پيڙهي ڪانه وَڌي!“
پُٽ جي منهن لئه ديد ٻُڪي
ساڻ سوڻ ڪئي
ڏاها ڏس ڪئي.
پير، فقير ۽ درگاهون.
سهسين باسُون ميتائون.
چوٿين، سعيو.
بيوه پينگيءَ جي ڇوڪرِ جو سڱ ڇڪرايو.
”پر هو ڪوڙهيو پوڙهو آهي.“
”ماءُ، تو ڇا هيءُ سوچيو آهي؟“
”مونکي منگيل پئسا ملندا.
توکي دل تي ڳهٽا پوندا.
پونگين پيتان بنگلا ڇمندا.

پيٽ بکئي کي ڊوڙو گھرجي.
انگ ننگي کي ڪپڙو گھرجي.
هُنَ پِٽئي کي پرڙي کان وڌ پُٽ تو گھرجي."
ماٽس اُنهون سوچي سوچي ڪيلُ مُڪايو.
"نينگر مونوٽ، مون گھر رهندي" شرط لڳايو.
ٻارهين مهيني پٽ مبارڪ.
پيڙهي پيدا ٿي پئي نيٺ.
سيٺ جو سڀ ڪجھ، هر هند اوچو ـ
پُٽ ـ ماءُ سامهون ڳاتو هيٺ.

❖

چَندو چنڊ

چيائونس: تون نوڪري ۾ جو آهين.
متي مان پنهنجو تي پائنين.
هو رڪشو هلائي،
۽ سادو ٿو پائي،
تڏهن تون نہ ٿي هن کي چاهين.
۽ چرکي تي ٻنڌڻ چنائين.
مگر زال مڙسيءَ ۾ ڏنڏي ۽ عهدي جو ويڇو اڃايو.
اهو ننڍ ـ وڏائي جو پيچو اڃايو.
هو صورت ۾ تو کان سوايو لڳي ٿو.
مهانڊي جو مور آهي ڄڻ چنڊ آهي.

(لڄي) ڪنڌ ڌوڻي، مچرجي، چيائين:
اِها ڳالهہ ايڏي تہ ناهي.
جو سڀ ناهہ ڏاهي.
ٽڏو ساهہ گهرو ڪنيائين،
رنائين،
۽ تڪڙو چيائين: هو چندو اهو چنڊ آهي ـ
جو جنهن تي جڏهن ڪو وجهي سِجَ ڪرڻا،
تڏهن پلٽي چاندوڪڙي پنهنجي پُونءِ تي.

❖

Scanned with CamScanner

ٿِمورتي

ڳالهہ ھِيءَ ڪجي تہ ڪيئن.
جي نباھجي تہ ڪيئن.
نينگري سان نينگري جو نينهن ٿيو.
نينگري تي نينگريءَ جو پيءُ ٿي پيو چَڪن.
۽ ماءُ مَست ٿي مگن.
نينگرو، نئون جوان.
خوبرو چڙھي ڪمان.
موھہ جي ٿِمورتي.
نوجوان پَتي پتي.
ماءُ ـ پيءُ، ڏيءُ لاءِ مائٽي مڃي ڇڏي.
واھڻيءَ چوڻ ۾ ھُن تي مُھر ڇڻ ھڻي ڇڏي.
جيستائين مگّ، مڱڻو، گھوٽ ـ ڪنوار ٿي چُڪن.
تيستائين ـ
ڪنوار ـ پيءُ، گھوٽ کي "پَتڻ" لڳو،
ڪنوار ـ ماءُ، گھوٽ کي چٽڻ لڳي.
ڳالهہ ھيءَ ڪجي تہ ڪيئن.
جي نباھجي تہ ڪيئن.

Scanned with CamScanner

مَگَ، هينئن مگينديون کي، جند جي پڙن ۾ پيسندو ڏِسي،
ڪري تہ ڇا؟
ڪُجي تہ ڇا؟
ڏُوڙ منهن ۾ پائي ڇا؟
ڪنهنکي ڪجھ ٻُڌائي ڇا؟
عادتي انڌير تي تئو ڪٽي گهمائي ڇا؟
سَس، سهري جاتي ڪي مِلي ڏُڌو.
جُنگ جوپ ارڙهو الهڙ جوان ٻئي طرف ٻِتو رُڌو.
سونَ ورني ڪُنوار لاءِ،
پنهنجي اصلي پيار لاءِ،
عشق، انڌ ڏنڌ ۾ ڪري ڇُڪو گهٽو ڪُڌو.

❖

Scanned with CamScanner

پياڪُ

هو فرانسيسي هو ۽ آفسر بہ هو.
تيم جو ڊئريڪٽر ليڊر بہ هو.
تيم کوئيندي لڏيون نڪريون ضرور.
گوري صاحب کي لڌو ڳيرو مزور.
ڪوبہ ٻولي ڪنهنجي سمجهي؟
ڪجھہ بہ نہ.
رنگ، گت يا شوق گڏجي،
ڪجھہ بہ نہ،
پو بہ هرڪو خواهشون سمجهيو وجي.
۽ اڳئين جون ڪوششون سمجهيو وجي.
آڱريون، گُهورُون، گُهرون تاڙيو وني.
هُرڪرون ۽ چُرپرون تاڙيو وني.
هڪ فرنگي ڪيڪڙو ـ
هڪ بلوچي نينگرو،
رات جي پردي ۾ گڏ گهمندا هئا نئين جو ترو.
... ...
پوءِ پتو پيو ـ
يورپي پئسا ڏئي پيئندو هُيو ـ
ڏونگري مِٽيءَ مان جوڙيل سخت موٽي جام مان ـ
جابلو ٻوٽين جو سِرجايل سَرو

❖

Scanned with CamScanner

گذر

گهر ـ ڏٽي: (هيءُ آهه مامُ)
مڪتب ۽ مسجد ۾ سوگهو صبح، شام.
گهر ڏياٽي، گهر ـ نواب.
سرخي ۽ سينگار ڪانپو سچا خواب.
گهر ڏٽي:
ـــ اچي.
توپي اچي.
جهڙو فرشتو عرش جو.
گهر ڏياٽي:
راز راٽي،
فِڪر، فئشن فرش جو.
... ...
ڪافي پاسيري گِهتي، پاسيرو گهر،
پو ٻہ گُهرجائُو گهٽن ۽ گهورڙين جو ٽئي گذر.
ٻانگ.
سانگ.

❖

Scanned with CamScanner

گهٽِ ـ گهٽِ[1]

گرمي گهوگهٽ.
بعضي بعضي ٻوسٽ.
گيسٽرو خبرون.
پکڙيون.
گشتي ڊاڪٽر جو ڪجهه ڊاءُ.
۽ ڪجهه بدبُو جو ڦهلاءُ.
ميوي وارن پٿر دل تي رکي اڇليون.
گندن گِبلين انبن گدرن جون ڍيريون.
رستي پَرَ تي.
ڪُنڊ، ڪپر تي.
اهڙيون ڍُونڊيل ڍيريون ڏسندي راه گذر تي ـ
ڪرپ وني وئي.
خار چڙهي وئي ـ
ميوي وارن جي مستيءَ تي.
ميونسپلٽيءَ تي:
جي تا گِڦيل گند ڪنديڙن.
بيماري، بدبوءِ پکيڙن.

---

[1] گهٽ گهٽ: وِڇهه وِڇهه (جهوليءَ ۾).

... ...

پينُو پوڙهي، تنهن سان ٻارَ.

ميوي جي سڌ انب انبار.

ڳِبيل انبن تي ڪڙڪي پيا.

جهول ڪُلي ويا.

پوءِ ڇا؟:

”ڇا، ڇا!!“

”ڇُوندَ نہ ڇوري.“

”ٻُڪ پر!

گهت - گهت“!!

❖

Scanned with CamScanner

آٽوگراف جو ذڪر

خيرپور ميرس ۾ فنڪشن.
يار پيا اعلان ڪن.
پهرين ويهڪ شاعريءَ جي پوري ٿي هاڻ.
راڳ، ساز ۽ ناچ سان ٿيندي رهاڻ.
چانهه، پاڻي جي وِٿي.
ٿوري ملي.
دوست آياسين ڪهي -
ڪمري اندر.
ات سليمان شاهه هو ڪجهه منتظر.
ڪجهه پُرنظر.
❶ 'شاهه'
پنهنجو ڳائڻو، فنڪار، ناچو نرتڪار.
نوجوانن جو ۽ شايد پين ٻه ڪن جي تن جي تار.
راڳ جنهنجي جون ڏُنون چالُو، چنبڙندڙ، چَٽپٽيون،
ناچ جنهنجي ۾ اشارا، ڳل - ڳراٽيون، چُرپرون.
نات، نخرا،
پار پڌرا.

---

❶ شاهه: سليمان شاهه، راڳي، فنڪار

Scanned with CamScanner

گيت، گانا،
ميچون، جانا.
سڀ بهانا هلڪي پڊري پيار جا.
نوجوانيءَ جي انڌي اظهار جا.
چند ڪاليجي ڇِڪيون.
ناز نخريليون ۽ ڪافي ڪان زياده چلوليون.
سڀ وڪوڙيو شاهه کي بيٺيون هيون.
لاڏليون مُرڪي، کِلي،
ٺهڪي، ٽِڙي -
واري وٺيءَ تي پيون وٺن آٽوگراف.
هڪ شرارت ۾ رڱيل -
بيباڪ جذبي سان مڱيل.
هٿ ڪٽي مون ڏانهن جيڏين کي چيو:
هيءُ ويچارو ڏِسو.
هن جي به دلڙي تي گُهري، هن کان وٺون آٽوگراف.
ٺهڪڙا.
ويون روم ۾ چيرون وڄي.
مان لڄي -
۽ منهنجو گهاٽو دوست "خادم" خود لڄي.

❖

سرٽيفڪيٽ

ڊاڪٽر ـ اوزار ـ ميز.
پرچيون، شيشون، مريض.
مرد، زالون ساڻ ٻار.
انتظار ئي انتظار.
ڏيل ڏُٻرا، منهن اُداس.
پنج ياڳي نَوَ نراس.
واري واري تي چڪاس.
... ...
منهنجي پاسي ۾ مهاندو اوپرو،
مُنهن ۾ مولانو بظاهر سادڙو.
اڌ مُلو، اڌ مولوي، اڌ چوڌرو.
گفتگو مان پيو پتو پنجاب جي ڪنهن ڳوٺ مان ڀٽو هو هت.
مون نه ڪجهه سمجهي پڇيو: تڪليف ڪيا هي مُلان جي!
هن پڳي اردوءَ ۾ ٻوليو: ڪڇ نهين ـ سرٽيفڪيٽ.
مون ذرا تڪڙا ڪُڇيو: ڪِس واسطے؟
هُت لُڏي هڪدم سڻايو: نوڪري.
مون صفا چرڪي پڇيو: ڪِ ڪِ ڪوٽسي؟
مولوي ڀڪي ٻڌايو: مِل مسجد دا امام.

❖

پس منظر

ڪوبہ جوڳي، ڳوٺ جي حد ۾ لنگهي سگهندو نہ هو.
گهر پِني سگهندو نہ هو.
بين فقيرن کي اجازت ـ
پر گهٽيءَ ڪنهن ۾ بہ ڪو جوڳي گِهڙي سگهندو نہ هو.
... ...
مون پڇيو هڪ پيرسن سُرتئي سگهڙ کان:
باگڙي ڳوهون ڪِين، مارن کِڳيون ـ
سي پيا اچن.
جي نچائن پولڙا ۽ پولڙيون ـ
سي پيا نچن.
جي وڄائن سُر پربون مُرليون ۽ ڌرتيءَ جون ڌُنون ـ .
تن کي منع؟
هُن مجيجي، راز داري واري لهجي ۾ ڏسيو:
ڪنهن سمي جي ڳالهہ آ، هِن ڳوٺ مان،
مذ پري مُرلي ٻُڌي؛ مستيءَ منجهان ـ
گهر ڇڏي، هن ڳوٺ جي "مهراج جي ميران".
لڳي جوڳي پنيان.
۽ انهيءَ ڏپ، ڏاءَ جو پڙلاءُ پڪڙيل آ اڃا.
ڪوبہ جوڳي ڳوٺ جي حد ۾ اچي سگهندو نہ آ.

❖

Scanned with CamScanner

سچو سپنو

ٿورڙن ڏينهن جو هڪ ٻئي ڏي ڏسڻ،
وڏ ۾ وڏ مُرڪن جو مُرڪن سان ملڻ.

ٻوٻني، سورهن بهاري ڪامڻي،
سون ساريڪي، ڪنواري ڪامڻي.

واهڻي چوٽيءَ ۾ جهڙي طوطڙي،
پوپٽي، پورل، پنپوري، پوپري.

اوپرن لفظن ۾ مهرو، مهلقا،
ساحره، زهره جبين، ڪافر ادا.

جسم هرڻي، چال جڻ چيلي هٽي،
چلولي، چالاڪ، البيلي وٽي.

ڪنڌ ڪُونجي، هنج سينو، ٻيل ٿور،
رنگ رنگي ويس، وسڪاري ۾ مور.

جي ڪِلي چٽنگائي تيليون ۾ چپن،
لال ڳل، ڳاڙها ڳٽا، شعلا بدن.

مست جوپن تنت تنت اندر تنبي،
شوق چوٽيءَ کان پَٻن تائين پنبي.

”خوش مزاجي آهي ۽ پيو خير آ،
دل ملي دل ساڻ ڪافي دير آ.“

سيءُ، سيارو هو لڙيو هاڻي سَنجهو،
پنهنجي لانديءَ ۾ سَوَڙِ ۾ هُو سُتو.

هو پيو جاڳيو سِڪيو سپنا ڏسي،
ناچ، تاڙين ـ تال تي لاڏا ٻڌي.

وجهه وٺي ماسات جي شاديءَ منجهان،
ٿي پَري ان رات اڏري بوبنان.

اوچتو ايوان ۾ ”هن“ ڪي ٻُڌا نغما نوان:
هلڪي دَٻ دٻ، ٿورو ڇَم ڇم ۽ مٿان.

باز ٿي ڳيري مٿان جهپٽي وئي،
مينهن ٿي ٻُوٽي مٿان پلٽي پئي.

ڇُهنٽدي زوري ڇري ڇمندي وئي،
هُو هُيو ڇڻ ڇُوڻ، هوءَ ڇڳندي وئي.

وات، چپ سوگها، ڪچي ڪاٺان ڪچي،
چيلهه، ٻانهون ٻک، لچي سو ڇو لچي؟

Scanned with CamScanner

شوق مستيءَ ساڻ، شاديءَ جي خوشي،
هو ويو خوشبوءِ، سُرخي ۾ پسي.

لمحي لمحي لمس، صدين جو سُرور،
هنجي سڪ چوسي وتو هن جو سُرور.

جوش، جذبو، شوق شامل ٿي ويا،
قرب سڀ في الحال ڪامل ٿي ويا.

وقت پنهنجي وهڪ ۾ بيهي ويو،
سيءُ هنجي سهڪ ۾ پگهري ويو.

عشق ارڏو، ائنٽرو اڏمو بہ آ،
ڪيترو ڪوئي ڪڇي ننگو بہ آ.

هڪ گهڙيءَ جو ڪيل، سالين سلسلو،
پوڪجي ويو پل ۾ ورهئين ولولو.

زندگي ساري جي لذّت هڪ طرف،
هڪ گهڙي پياري جي لذت هڪ طرف.

پيار، سنگت، ساٿ جي لذّت الڳ،
شوق، اڌمي جي مگر شدّت الڳ.

گهر سڄو پاڙي جي سهرن تان وريو،
هنجو سپنو دراپ ٿيو، سپنو تہ هو.

❖

پندرهن ۽ پنجيتاليهه

پندرهن ۽ پنجيتاليهه.
ڪوڙو ته لڳي ويو هو.
ڪوڙو ته لڳي تو پيو.
پر وچ ۾ وڇوٽي آ، تيهه چيت، ڪتيون تيهه.
ان وقت به نڪتي هُئي هِن روح منجهان رِيهه.

... ...

ناموس متان هِرڪي؟
چڻ سمنڊ جو ڏيک ڏِسي،
وِک، تِڪَ طرف تِرڪي.

يا جيب جي گُهرڪي تي،
احساس ۽ اڌمن جو،
آواز چِڏئين گهوگهي.

يا سون جي چمڪي تي،
ڀرپور جوانيءَ جو،
جرڪار چِڏيئين ريٽي.

يا شهر جي بنگلي تي.
انگ انگ اُمنگن جو،
بي سوچ چڙهيئين ويچي.

ها، پينگ جي نظرن تي پيڪار آ دولت جو!
هن مُلڪ جي گهر گهر تي چا چار آ دولت جو!

... ...

مُنهن گول چِٽو گورو:
جا ديد چُمي تنهن تي،
قدرت جو وڏو ٽورو.

چڙ چندُ ڏهين حج جو:
پهچي تہ رڱيون عيدون،
چمڪي تہ خوشيون چمڪيون.

چَپَ، صُبح شفق وانگي،
ڳل ڳل تي نچي سُرخي،
۽ ويس ڏنگ وانگي.

Scanned with CamScanner

موتئي جي اچي خوشبو،
جنهن ڏانهن ڏسي مُرڪي،
سو پنئر اتي قابو.

مَن ـ مهٽيءَ جي تشبيه:
وسڪار تئي ترتي.
چمڪار ڏهر، چوٽي،
يا ڪينجهر جي چر تي،
جڻ چيٽ جي چانڊوڪي.

چا هنجي لڪان هلٽي:
ڪنهن ساحر شاعر جي،
تو ناهي ڏٺي لڪٽي؟

ڪنهن ويل تِڪي ڏادي،
ڪنهن مهل صفا مائي،
گمبير ته ڊيل ٿِلي،
چرڪي ته ڪُڏي هرٽي.

سيني تي غني تي پيا،
مسڪين وڳا هن جا.
تُورئي جي ٻني وانگي ـ
ڪپڙا تي لڳا هن جا.

Scanned with CamScanner

چمڪيا ٿي چُمي ڳلڙا،
مٺيار جا ڳه ڪُوڙا.
چمڪيا ٿي ڇُهي ٻانهون -
ڪايي جا ڪچا چُوڙا.

جيئن چنڊ تي پوندو آ،
هن سامهون آئينو،
هونئن سادو هوندو آ.

ٻئي نيڻ بنا پيتي، مدهوش، شرابي ها،
يا جام گلابي ها!
مون پاڻ ڏٺا مونکي ان سُونهن جو سُنهن آهي -
والله عقابي ها!
پر، ڪار ۽ بنگلي جي پيا چار ۾ ڦاسي ها!
آخر تہ هو ڪاڇي جا مسڪين ها، ساسي ها!

❖

ٺماڪيدار ڏنڊو

هو ساوڻ نوٽن جا ٿها ڏئي پانياٽ نوڪريءَ ۾ ڦبيو.
عيد تي پهتو.
يارن سان کُليو.
منهنجي صلاح مڃو.
ڪراچيءَ هلو!
هڪ سال ۾ سؤ سال جيترو ڪٽيو نه ڪٽجو
ته مونکي نه مڃجو.
هرڪجي حيرت ڪان پڇيو ويو.
ڏنڊو ڪهڙو ڪبو؟
فقط پيُوئر پاڪستاني خوراڪ، مقرر اصولن تي.
مشهور شهرين ۾ هلائبي.
اصول:
پهريان مفت ورهائبي.
پوءِ اوڊر تي ڏبي.
۽ پوءِ هو مجبور ٿي ضرور وٺندا رهندا.
دوستو، گهٽ ۾ گهٽ خفو.
وڌ ۾ وڌ نفعو.
هن دور جو ٺماڪيدار ڏنڊو.
صلاح وٺو!
ڪراچي هلو!

❖

Scanned with CamScanner

چشما فروش

عجيب انسان هي عينڪ فروش آهي.
(سندس نظرن تي ڪا عينڪ ضرور آهي، مگر ڏسجي نه ٿي ڪنهنکي)
ڪُلي بازار ۾ ويهي،
جهليو عينڪ هٿن ۾ پيو ٿو آڇي ايندي، ويندي کي.
سندس پر ۾ سندس زال.
ڪجھ بي حال ڪجھ خوشحال.
پَريل پُوري.
عُمر آڌي،
دِلي چاتي،
هنيون پلٽي،
ڪنيون هڪ ڀار ويني آ.
اهو ٻچڙو
اڪيون ٻوٽيو.
ٻُبي جي ٻند کي چنبڙيو -
اُره تي اونڌڙو پيو آ.
نه ٻُچ ٻُچ آ.
نه ٻُت ٻُت آ.

Scanned with CamScanner

نہ چُوسي ٿو
نہ روئي ٿو
نہ مرڪي ٿو. (اهو نندڙو نشي ۾ آ)
ارڙهہ جو اڌ حصو ـ
ڪجهہ پيٽ جو پاڳو ـ
ڪنيل چولي مان چِلڪي پيو.
پڪا ـ پوڙها.
نندا نيٽا.
اچن ٿا ۽ ڏسن ٿا چشمي، چشمي کي چٽائي،
گُهور پائي.
هاڻي هڪ ميلو متو پيو آ.
نہ هن جا ٽڙ ئي ڏڪجن ٿا.
نہ ڪي گيراڪ گهٽجن ٿا.
عجيب انسان هي عينڪ فروش آهي!

❖

Scanned with CamScanner

واڏٽي چو چڪي؟

هن جي گهگهري جي ايڏي ڪشادي ڳچي،
پاڙ اُپريل اُرهہ جي چِٽي پئي ڏني.

پاند هر هر رئي جو هٽائي، وجهي،
ڏيان چاتي ڏي مُنهنجو چڪائي چُڪي.

ماءُ پوڙهيءَ کان نظرون بچائي، بچي،
هر دفعي هن نهاري ڏنو پئي ڪَلي.

شوق کهڙي الائي اٿاريس، اُٿي،
ناز نخرو ڪري هنج وانگي هلي.

پير، پيرونءَ تي رکندي، ڪنگهي ۽ نِمي،
ڏاڍي ڪنهن ڏانو سان ڏاوٽي هن چڪي.

ڏاوٽي جي چڪيندي ائين تي جُهڪي،
تي اُرهہ جي اڳيازي، پچاڙي ڏني.

هُن کي ان وقت ويو سخت اچرج وٺي -
نيٺ بيوقت هن واڏٽي چو چڪي؟

❖

پيءُ هِنن جو ڪهڙو آهي؟

پيءُ هِنن جو ڪهڙو آهي،
ڪاٿي آهي؟
ڪا سُڌ ناهي.
ماءُ هنن جي ادلي گدلي، هيٺي هوندي،
اُرَهہ ٻڍن جي پلڙي آهي.
پيءُ هِنن جو ڪهڙو آهي، ڪا سُڌ ناهي!

ماءُ سندن وئي آهي ٽُلڪڻ، ٺڪر ڳيي لئي.
ٻُوٽ لِڪائي،
پاڻ ڪُٺائي،
چوري چوري –
زوري زوري،
ڪنهن بہ طريقي پيٽ پريندي،
ٻ پوءِ ايندي.
ٻوڙي ٻوڙي،
ٽڪجي پوندي ليٽي.
ڏيندي روٽي –

پنهنجي پيٽ ـ ڄڻين کي.
پيءُ هنن جو کهڙو آهي...
جيتر ماءُ هِنن جي موٺي.
هانوَ ڪپيندڙ ڪُوڪت ڪن ٿا.
ڳچيون ملائي،
ڄَپَ مِڇڪائي،
پَڪ هڪ ٻئي سان ٻُڪ اورن ٿا.
ڪَنڌَ جي ڪَپَ تي،
دَڏَ جي پرسان،
ڏَپَ جي وچ ۾.
ننڍڙا گُلڙا ڪُوڪت ڪن ٿا.
پيءُ هنن جو ڪهڙو آهي، ڪا سُڌ ناهي.

❖

Scanned with CamScanner

جھرڪ ۽ جھرڪي

جھرڪ ۽ جھرڪي،
سھڻا ساٿي،
پياري جوڙي.
ھر ھر پاڪر،
پل پل پيار.
چوڳو
چاھ
سندن سنسار.
... ...
موت جو پُوت
بجلي جي پنکي جو روپ،
چُوت ڦري پيو گھيرو ٿاھيو.
... ...

Scanned with CamScanner

ڀران سڪ جو سودو سانديو ۔
جهرڪ اڏاٽو اندر اچي پيو.
ٽَڙ ٽَڙ ٽَڙ ٽَڙ ٽڙڪو ٿي ويو.
جهرڪ اچي ويو ۔
پنکي پر ۾،
ڀوت جي پر ۾.
هيٺ ڪِري پيو،
ڪنڌ ڪنيائين،
چيخ ڪيائين،
ٿُورُو ٿي پيو،
پُورو ٿي ويو.
مون ڪو پيار جو گيت لکيو پئي،
اڌ ۾ ئي اڻپُورو ٿي پيو.

❖

مڇيون ٿيون ميوا کائڻ (1960ع) [1]

مان جي ڳوٺ سنبرندو آهيان،
ٿورو ميوو وٺندو آهيان.

واهہ کپر تي نرم چپر تي،
تالهين هيٺان وهندو آهيان.

ڪشمش توڙي ڊاک، کجور.
کائڻ کان اڳ ڌئندو آهيان.

سچ پچ هر شئي سوچي سمجهي،
ڏاڍي سوگهي رکندو آهيان.

ڌئندي ڪي ڪي داڻا هٿ مان،
ڪرندا آهن، ڏسندو آهيان.

ڪيئن ٿيون مڇيون ميوا کائڻ،
دل جو دل ۾ چوندو آهيان.

❖

---

[1] دادو شهر کان سائيڪل تي ڳوٺ ويندو هوس. نوڪري دادو ۾ هئي.

هُوءَ

هُوءَ وجهندي هئي ڇت تي ڇيٽا،
ان ڇِت واري ڀت تي ڇيٽا.

سادن، ميرن ڪپڙن واري،
ڏاڍن نازن، نخرن واري.

قد جي پُوري، ڪٽڪ رنگي هئي،
ڳاڙهي ڳيرو ڪنهن نه ڏنگي هئي.

ڀهريان ماٺهو تاڙيندي هئي،
آسو پاسو جاچيندي هئي.

خوف، متان ڪو دشمن تاڙي،
ڪاٺي هن جو ڦَڪڙ ڦاڙي.

ڪچڙي منجهند چڙهندي هئي،
اُس تي ڇيٽا وجهندي هئي.

Scanned with CamScanner

ڇُپندي ڇپندي، چوري چوري،
ڏيندي هُئي پئي چاندون چوري.

هن کي ڏسندي کِلندي هُئي هو،
ٽانگر وانگر ٽڙندي هئي هو.

نينهن نياپا: چاندون - چاندون،
ڏک ڏوراپا: چاندون، چاندون.

هن جي هٿ جا ڦيرا گهيرا،
هاڪر، نهڪر، مِهٽا، هيرا.

هن جون آزيُون هن جا جانا،
هن جي جذبن جا افسانا.

بوسا، ڀاڪر، جهول اشارا،
دوري هوندي ڪول اشارا.

مان بہ سندس چڙ دشمن هوس،
لڪندي ڏسندو هي فن هوس.

❖

Scanned with CamScanner

صفائي (1971ع) ❶

گهر ۾ ڪالهه ٻهاري پاتم،
ڪوٺيءَ ۾ چوڏاري پاتم.

پاڻ هينان تِڏيون نڪتون،
ڏانور، ڪرڙيون، ٽنڊڻيون نڪتيون.

ڏانور، ٽنڊڻيون منهنجي گهر ۾،
هي تہ هجن ڪنهن ٻرِ ۾ ٻر ۾.

ڏسندي ڏسندي نفرت جاڳي،
گگدامن تي غيرت جاڳي.

ٺه ٺه ٺهہ ٺهہ ٺهڪارو ٿيو،
سَٽ سَٽ سَٽ سَٽ سٽڪارو ٿيو.

ڪِرڙيون تِڏيون تَڙپن ٿيون پيون،
چچريل چچريل چُرڪن ٿيون پيون.

---

❶ تڏهن دادوءَ ۾ اڪيلو هڪ ڪچيءَ ڪوٺي ۾ رهندو هوس.

ڪيئن نہ ٽپن ٽا ڪِرڙين جا پُڄ،
جڻ نہ نچن ٽا ڪرڙين جا پڇ.

جيتامن جا گونگا لاشا،
خاموشيءَ ۾ ڪن ٽا واڪا.

❶ ڪن جي لاءِ تباهي ٿئي پئي،
ڪنهنجي لاءِ صفائي ٿئي پئي.

❖

❶ بنگلاديش ۾ فوجي آپريشن جو بہ تازو اثر هو.

Scanned with CamScanner

اڌ پرائو

مس مس ڪوئي سنڌي سڌريو،
آفيسر ٿيو -
واپاري ٿيو،
ليڊر ٿيو.
سوڊو سنبريو،
شادي، گهر - آباديءَ لاءِ.
چوري چوري،
زوري زوري.
لانءَ لهي هو آيو -
پر -
آسنڌيءَ عورت سان.
نيٺ سدورو ٻاهر نڪتو.
ونگيل ڪي واڌايون ڏيندي، ساٿين سوچيو:
"سِڪي سِڪي منگل ڄائو.
تنهن ۾ اڌ پرائو."

❖

Scanned with CamScanner

منهنجا هَٿ رَت...

منهنجا هَٿ رت، پنهنجي رت سان.
پيو ڏسان نفرت پريل عبرت جي اک سان.
هي گلابي رت جون ريکون ـ
چو چوان:
سانجهہ، سورج کي ڪُنو، ڪڪرن تي ريلا خون جا.
وچَ، ديري تي ڪري ڦيڙهن تي شعلا آگ جا.
يا مصوّر جي پنن ڪورن تي ڇندا رنگ جا.
هي تہ آهن داستان ڪنهن جنگ جا.
منهنجا هٿ رت، پنهنجي رت سان.
پنهنجو رت پنهنجي هٿن تي چمڪندي، ڏسندي،
عجيب احساس ڊوڙن ٿا اندر ۾ ـ
خون جي دوري مثال.
خون جو دورو ـ
جو هڪڙو نيرڙو ناسي زنگاٽيل زهردار.
ٻيو ـ
صفا گهرو گلابي جرڪ ـ جِيوت سان چِڪارُ.
رت جي رتڙي قيمتي.
هر ڦڙو هڪ زندگي ـ
نہ نہ نہ،

هزارين زندگيون.
۽ زندگيون ماريل مروڙيل منهنجي هٿ تي ڪئين هزار.
مان وڏو مظلوم ۽ ظالم به مان.
خونخوارن جو ڪٺل ۽ خونخوارن کي وري کهنڊڙ به مان.
جو به ٿيو ڏاڍو برو!
جي ائين اڳتي نه ٿئي ڏاڍو ڀلو!!
رات جي اونده ۾ پنهنجي مورچن ڪارن منجهان حملو ٿيو.
مون تي راتاهو لڳو.
مان لڇيس ڦٿڪيس گهڻو پر ظالمن وينڪي ڇڏيو –
منهنجو رت پيتو ويو.
سُبُ ساجهر ٿيو
سدوري سجّ جا ڪِرڻا اٿيا.
مون مهاري جي پکيڙيل ڄار ۾ ڦاٿل ڏٺا –
بلڪل ڇِنا، ڊونبا، ڊُڏا، ٽوٽا ٿُلها –
مڇريل مڇر ها ڇوڏسا.
ڏاڍيون گُهتون ڄارئي ڪنڊون –
پر ڄار ۾ ڦاسي چُڪا.
هڪ دل چيو: بخشي ڇڏيانِ.
گهت ۾ گهت جيئڻ ڏيانِ.
پر –
وري موقعو وٺي هي راتاهو هڻندا ضرور.
خونخوار آهن اسان جو خون چوسيندا ضرور.
ٺاپ – ٺاپ...
منهنجا هٿ رت، پنهنجي رت سان.

❖

زندگي ۽ زندگي جي ڪاڻ...

هڪ طرف ڪان باهہ جو آڙاهہ ـ
سارو جهنگ ساڙيندو تڪو پڇم ڪان پورب ڏي وڌيو.
ٻئي طرف ڪان هاڙهہ جو درياهہ ـ
ڪُن ڪڙڪا ڪندو،
ڪُنئريون ڪنديون پائيندو، ڇُلندو، ڇڇڪندو اڳتي اڙهو.
تيز اوتر ٿهر تي:
آڙاهہ پڙڪائيندو رهيو.
درياهہ ڇڇڪائيندو رهيو.
هڪڙو نوريئڙو، (ساسيئڙو)
ٻچا، وڻ ـ تار، آڪيرو ڇڏي.
باهہ جي ڄر ڪان بچي، اڳتي ٽپيو.
ٽپ ٽِپ ٽَپا.
تڪڙا تڪا.
نيٺ نوريئڙو ڊڪي، سهڪي رسيو ان جاءِ تي.
باهہ، پاڻي تي مليا جنهن جاءِ تي.

Scanned with CamScanner

جَر...
ڇتيون ڇوليون ڏسي، پنتي ڏسي ـ
جَرَ... تپش ـ تئو ـ لَهس تَپُ ـ درياهہ ۾.
پاڻکي ڇهتيل ڏنائين پاند سان.
بيستو، بيجان بُند، لڙهندو هليو.
باهہ کان بيشڪ بچو ـ
پر ڇا بچو؟
چوطرف ڇوليون ئي ڇوليون ـ
هڙ هٿيليون اڻ پليون.
هر گهڙي لوڏا، لما،
احساس ۾ صديون، سما،
هيٺ لوڏو موت جو هو ـ
مٿيرو ڪجهہ زندگي.
زندگي ۽ موت جو جهولو جُهلي.
پاند کي چنبڙيو، مئو، جيئندو هلي.

اوٿر لٿو،
ڇوليون تکيون ٿي ويون جهڪيون،
لهرون وڏيون ٿي ويون ننڍيون،
ٻيڙين جا سڙهہ درياهہ تي، بادل اچا آڪاس ۾.
ڳيرا اُڏامن آس ۾.

احساس ۾ ڦڙڪڻ لڳس ڪا آس خاص.
پرسان ڏسي ـ
ٻيڙي وڏي.
ساسي ٽپي، پهتو نہ پر ـ
ناڪئي جي نوڪرن پڪڙي ڪٽي ڏوري ٻَڌس ـ
سُڪَ تي ويو.
ڪائي بہ پيو پيئي بہ پيو.
تڙپي بہ پيو جيئي بہ پيو.
ٻيڙي ڪناري تي ڪٽي پهچي بہ پر ـ
هي ڪناري تي نہ ٽو پهچي سگهي.
ڪوبہ قيدي، ڪيئن ٽو آجو ٿي سگهي!
چال ڏئي ڏوري ڇني، يا ڇوڪرا ڇوڙي وڃهنس.
يا ڪناري تان سهارا ٽپ ڏئي ٽوڙي وڃهنس.
پوءِ بہ انجو ساڳيو آڪيرو ڪٿي؟
ساڳيو ساٿيئڙو ڪٿي؟
زندگي، يَر، زندگيءَ جي ڪاڻ پهچي ٿي ڪٿي!

❖

ھي انتظار ڪيتر؟

سياري جو سيءُ، سانجهي،
آڏو مزور مانجهي.

ٻُهَ جون پريون ٿنهي ڪي،
ڏاڍيون ڳريون مٿي تي.

پيرن جي تِرڪَ تڪڙي،
ميوزڪ ڪڍي تي هڪڙي.

رستي پڪي تي چوها،
❶ ”چِر چِر“ ڪندا هلن پيا.

سَهڪيل، دَٻيل جِهن سان،
وچڙيل ٿڪل وڪن سان.

❷ ”تِر تِر“ ڪندا هلن پيا،
چِر چِر ڪندا هلن پيا.

چِر چِر چِڪيو هلي پئي،
منهنجي اکيان اهي ٿئي.

---

❶ چِر چِر: پڪي رستي تي تڪڙو هلندي، پيرن جي ترين جو آواز.
❷ تِر تِر: مزورن جو سَهڪڻ ۾ ان جو آواز.

هلندو پنيان هلان پيو،
تر تر سندن پڌان پيو.

جايون تا جوڙيون پين جون،
چيلهون تا توڙيون پنهنجون.

ماڙيون آڏي چڏيونسين،
پونگيون پُري چڪيونسين.

تر آ تہ، گهر نہ آهي،
گهر آ تہ، در نہ آهي.

پَٽُ آ تہ پٽ نہ آهي،
پٽ آ تہ ڇت نہ آهي.

هڪ آ تہ ٻيو نہ آهي،
ٻيو آ تہ ٽيو نہ آهي.

بازار ۾ رَسي ويا،
في الحال ماٺ تي ويا.

مان سوچ ۾ اچي ويم،
ڪو ملهلو مچي ويم.

”اي ڳاڙها بنگلا سوچيو!
اي پينگا پُونگا سوچيو!

هي ڪاروبار ڪيتر؟
هي انتظار ڪيتر؟

❖

جيئي سنڌ بُڪ شاپ ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

جاني ۽ لالِي جو قصو

(هڪ قبائلي جوڙي، جاني (جانباز) ۽ لالِي
(لال خاتون) جي عشق جو داستان)

❶ مُنڍ جي مڇجي ڪٿي سمجهو آٽو،
ان ڪٿي مان ڪيترو تي پيو گهٽو!

ڪون تس احساس پر ڪيڏي ڪشش!
عاشق ۽ معشوق ڇڻ ايڏي ڪشش.

هڪ تحرّڪ پيو ڪشش ٿيون ارتقا،
عشق جي دل، حسن جي نئين نئين ادا.

ڪو ڌماڪو، ٿيءُ، سو هڪڙو خيال،
”منڍ وارو مسئلو“ سمجهڻ محال.

انسنو، سائينس ۽ منطق - قياس،
اڄ تہ سڀ ڪجھ پر ازل کان ناشناس.

منڍ جو کهڙو مسبّب ۽ سبب،
تو لڳي جوهر، عرض سڀ ۾ عجب.

---

❶ آٽو: (Atom) ايٽم.

ڇا ازل سمجهي سگهي، اڄ جو دليل،
هت علل، معلول ڏسجن ٿا عليل.

پر ڏسون ٿا رنگ پيو آهي رَتو،
ڪيترو ڪيڏو وڏو ميلو متو!

ڪهڪشان تَنهنجي مٿان ٻي ڪهڪشان،
جڻ ارسطو کان اوهان، نيوٽن کان مان.

روشني تنهنجي مٿان ٻي روشني،
علم، تنهن مان علم، ڪيڏي روشني!

چمڪندڙ تارا يا ريتيءَ جا ذرا،
اُڀ: ڪڏا - ڪارا يا ساگر ۾ ڏرا.

محفلون - ميلا يا گولو زلزلا،
جهوم توڙي جم ۾ جاري سلسلا.

موت سان گڏ موهہ، ڪيڏو ڇهڇٽو!
پاپ يا پاٻوهہ، ڪيڏو ڇهڇٽو!

قرب يا قتلام، پوبي عاشقي،
عيد يا ماتام، ڪيڏي دلڪشي!

Scanned with CamScanner

داد يا بيداد، ٻوڙي زندگي،
ڪشمڪش جو ناد، ڦوڪي هر گهڙي.

گندگيءَ جي ڍير ۾ هيڏو هُٻاءُ!
دوزخي دنيا ۾ فردوسي لقاءُ.

آڳ جي ايوان تي گلشن ڏِسو!
جهومندو، جنگاهہ ۾، جيون ڏسو!

زهر جي ساگر مانِ شربت مينهن جو،
ڇا تہ نفرت ۾ بہ منظر نينهن جو!

تندرا تي چٽنگ، ڪو چمڪي تہ ڇا!
ڦِهنگ صحرا تي ڪِري، پکڙي تہ ڇا!

آدمي جي اوتَ پر سِڄ ٻِجّ جان،
زندگيءَ جو سلسلو جڳ جڳ جوان.

عشق، جيڪو او ڪشش، تومان اُڏو!
ڪوشش جو سُنهن نہ ٿيندو سو ٻُڏو.

عشق پاڻون جاڻ ايرادو، عمل،
عشق جو جلوو امر، جذبو اجهل.

قدرتي ڇڪ درحقيقت عشق آ،
ڏيل هستي، ذات حضرت عشق آ.

عشق جو آواز گونجي صبح - شام،
ديو، ديوي، پُرش، پتني: ڪام - ڪام.
... ...

هو چمن ۾، آدم ۽ حوّا ڏسو!
ٻن جوانن جا ٻِٽا جذبا ڏسو!

غار ۾ ڪو باھ ٻاري تو پيو،
چقمقن جا زور سان گهڪا ڏسو!

هو ڏسو، بادل ۽ بجلي ياڪرين،
ساگر ۽ ساحل ڏين بوسا ڏسو!

يُونگ ۽ سِگمنڊ جا گفتا ٻُڌو،
ابن - آدم جا امنگ - اذما ڏسو!

ديوَ، ديويون ڪام ۾ ڪڙجي چُڪا،
ديو مالائون گُهمو، گرجا ڏسو!

جنس - جذب ۽ جوش جا جهيڙا لڳا،
پُونءِ تي اپ تي هليا پالا ڏسو!

Scanned with CamScanner

چنڊ تان ڊايانا هيٺ ايندي هئي،
روز ايندي من چُمي ويندي هئي.

سائڪي جي محل ڏي ڪيوپڊ ڪهي،
رات جو ماڻي پيو وهُريل وهي.

جنگ هيلن تي ڇڙي وئي، الامان!
مُنڌ، تنهنجي زد ۾ مردن جو جهان.

شام، گوپين سان ڪيا چرچا، مچون،
ها مگر ڪِرشن ۽ راڌا ڇا ڇئون؟

نَل ڪٿي ڪوڪي، دمينتي هئي ڪٿي؟
ووڙ ۾ سَرتو ته سَرتي هئي ڪٿي.

روميو، جوليٽ جي خوشبو سُنگهي،
باغ ـ محبت جو مِٺو ميوو چکي.

عاقل ۽ مخفي جو ڪو ناهي پتو،
جي حقيقت آ ته پوءِ عاشق سچو.

چاهه کي ڇڙواڳ چوڙيو گوئٽي،
پر ڪرسٽن هو وڪوڙيو، گوئٽي. ❶

---

❶ ڪرسٽين: گوئٽي جي گهوري، زال.

هو تہ هو پوپٽ، مگر هوءَ شمع هئي،
شوق ۾ جلندي رهي جيتر مئي.

عشق سادو، پر نہ سادو ڪونہ،
باھہ جو جهلڪو بہ شعلو ڪونہ.

❶ اڪ ”بياترچي“ سان ”دانتي“ جي اڙي،
ڪي گهڙيون گهوري، حياتيٰ پر رڙي.

وصل ڪان وڌ آ وڇوڙو ولولو،
ديد ۾ دريا، جگر ۾ زلزلو.

جو عدم جي وَر چڙهيو، تي ويو عدم،
چوڏهين جو چنڊ، سامي ۾ پسم.

محب ڪي مشتاق ڳوليندو وتي،
دوزخ ۽ فردوس ڦولهيندو وتي.

تانگهہ ڪي تخليق جو آتت مليو،
خواب جڻ تعبير جو آهٽ ٻُڌو.

پيار ۾ برتندبرسل پنئرو تہ هو،
تنهنڪي ڇُهنيو ڪا گهڙي جو گل وٽيو.

---

❶ بياترچي: دانتي جي محبوبہ جا ڪانئس جُدا رهي.

هند ۾ ساحر، امرتا جو قصو،
سنڌ ۾ ”خي - هي“ جو ساڳيو سانحو.

پريت امرتا جي پڙهي، سمجهان نہ ٿو.
ڳالھ ساحر جي ڳُجھي، پُرجهان نہ ٿو.

ايترو ويجهو ۽ پو ايڏي وٿي!
ايترا آزاد، ايڏي پابندي!

ڇا امرتا کي ڇا ساحر کي چوان؟
پاڻ ڄاڻن، ڪير ٿيندو آهيان مان!

❶ ’سارتر، بووار‘ جي سنگت ڏسو!
عام ريتن کان مٿي محبت ڏسو!

کهڙي ويڌيءَ جي ضرورت قرب کي،
ڪير روڪي، محب چاهي محب کي!

❷ پريت هڪ شاعر جي جرڪي، جِي وئي،
جو پنگياٽي، گهر ڏياٽي تي وئي.

نادرا جو زوري نادر تي ويو،
هي بہ ناتو پو نشانبر تي ويو.

---

❶ سائمن دي بووار: سارتز جي پياري رفيقهءِ حيات.
❷ هڪ سنڌي شاعر جي بيباڪ محبت جو مثال.

Scanned with CamScanner

ايڊورڊ آٺان، ڪريان توکي سلام!
پيار پوڄا ۾ صدي، هِن جو امام.

شهنشاهي سونهن تان صدقي ڪيئہ،
ڳالهہ پنهنجي پيار جي اڳتي ڪيئہ.

عشق زيري ۾ زليخا وئي اچي،
حسن جي ڇِڪ ۾ ميرجي وئي مَڇي.

اڻ پليو جذبو، اروڪي اشتها،
شهوتي شدّت جي تي وئي انتها.

ايتري خواهش ۽ اهڙو انتظار!
چاهت ۽ نفرت ۽ ايڏو انتقام!

حيف ٿئي قاضي ضدي، هوڏي، ڪٽر!
دل جي دنيا کي نہ ڄاتو تو پٿر.

ڪاش، عاشق کي ملي معشوق ها!
هيئن نہ ڪنهن وانگيان رڙي مخلوق ها.

مدرسو، مجنون ۽ ليليٰ ڏسو!
قافلو، محمل، ڏڏڙ، واڪا ٻڌو!

هڪ شڪاري بڻي شڪاري وٽ شڪار،
وامق ۽ عذرا قصي جو اختصار.

عشق - تاسو، سونهن - چشمو، ڇا ڪپي!
آمهون سامهون دل جو اڌمو، ڇا ڪپي!

وامق ۽ عذرا مِلي، وڇڙي، جُڙيا،
پر ڇجي ڪي زندگي پر پئي چُڙيا.

عاشقن ۾ محنتي فرهاد هو،
ميڻ هو محبت ۾ نہ تہ فولاد هو.

دل ڪي دنيا، دوکي تي دوکا ڏنا،
دل تہ دلبر لئي ٽڪر ٽاڪي وڌا.

ڪوهڪن، شيرين لئہ ماري مَٿو،
پنهنجو تيشي سان وڌو ڏاري مٿو.

دل جي دستورن جو ناهي انت ڪو،
جو جهانگير آهي سو ڪٿ قيد هو.

عشق جو ۽ جنگ جو کهڙو اصول،
ڪيئن بہ پر محبوب وٽ پئجي قبول.

Scanned with CamScanner

فيصلو تو جو ڪيو، کهڙو ڪچان،
مان مريد اڄ بي ٿو پيو ان تي لچان.

حور دل جي جيئري جڳ ۾ هٿ ڪجي،
خود خدا جاني ڇني ته به ڇو ڏجي.

حور جاني، هينئن ڇڏي تو، حيف ٿئي!
جِيءَ جي جاني، هينئن ڇڏي تو حيف ٿئي!

زهر پي وئين، پر بڏاءِ ڪيئن پِي وئين!
او جنازا، تون به مون ڇان جِي وئين!.

عمر اولانبيون الا، گذري وئي!
ڪربلا تي ڪربلا، گذري وئي.

نيٺ تنهنجي زندگي توکي ملي،
پر نه منهنجي زندگي مونکي مِلي.

ياد آيا شاهداد ۽ ماهناز،
داستان عاشق بلوچن جا دراز.

عزّت ۽ مهرڪ جُو جيڪو الميو،
سو ڪٿي سمجهو ته منهنجو الميو.

Scanned with CamScanner

وئي مري مه رخ، جلي پيو مه پرست،
شعلا شعلا شوق توڙي دل شڪست.

موت محبت کي ڪٿي ماري سگهي،
سچّ کي دونهون نہ تو ٿاري سگهي.

عشق اهڙو نقش، جو اُڪري نہ ٿو،
جي وجي اڪري تہ پو اتري نہ ٿو.

عشق اهڙو سچّ، جو اپري نہ ٿو،
جي وجي اپري تہ پو الهي نہ ٿو.

چنڊ چوري رات جو، سج ڏينهن جو،
ڪنهنجو چهرو ڇا ڪجي وسري نہ ٿو.

روح، رت سان جو ملي محبوب ويو،
ساهہ نڪرڻ ڪان اڳي نڪري نہ ٿو.

سونهن تي سُهندي ٿي موهت بي مثال،
ڪيئن بہ پر ٿي ڪاميابيءَ جو ڪمال.

حسن ڪشميريءَ تي سنڌي اک ڇَڪن،
تُوت شَڪري، تنهن تي ماکي ـ مک ڇڪن.

هُو جو هڪ حسناڪ پيو هوشيار آ،
تَنهن جو طوفانن ۾ ٻيڙو پار آ.

چاهه چاهي، مڇّ مڇرائي ڇڏي،
گهوٽ گهاٽي، ڪونڌ ڪهرائي ڇڏي.

مست "ميلٽڏي" ٿئي تي ڏير تي،
چوٽ ڪائي تي، چڙهي تي وير تي.

ملڪ نيڪالي ملي اوڏي ڪي وئي،
ڪنوار جهنگل ۾ ملي سوڍي ڪي وئي.

اوڏي ماٺي موج تي هوٿل پري،
پرش ۽ پتني ٻنهي جي دل ٺري.

پانشالا ۾ نه چا پُوجا ۾ ڪام،
سارنگا، سڏونت جي منشا ۾ ڪام.

چاهُ چنئرِيءَ سان نه ويڏِيءَ سان ٻَجهي:
ڪِيئن ٿو طوفان، ٻيڙيءَ سان ٻجهي؟

سارنگا، سڏونت ڪان غفلت ڪسي،
پر نه ڪنهن طاقت، امر محبت ڪسي.

Scanned with CamScanner

قرب وارو هِير، رانجهن جو قصو،
سونهن جي تن، عشق جي من جو قصو.

هير، رانجهن جي نظر ۾ حُور آ،
پنئر جي پاڪر ۾ انب جو ٻُور آ.

هير جي ديدن ۾ رانجهن چنڊ آ،
حسن جادو آهي جوڀن منڊ آ.

زور جي ميندي لڳي تي، دل نہ تي،
واٽ ونگجي تي، ملي منزل نہ تي.

هير، کيڙو، ڪرپ، گهرُ، پڄڻ ڏسو!
جهنگ، رانجهن، ٻين، تن تڙپڻ ڏسو!

سونهن - سوداگر مان ميهر تي ويو،
قرب ۾ جڙ قيد ڪيهر تي ويو.

عشق، عزّت بيگ کي عزّت ڏني،
دل ڏني ۽ درد جي دولت ڏني.

عشق، مت ۽ شرم سڀ نپجي ويا،
نيڻ، نيڻن ساڻ جو نپجي ويا.

Scanned with CamScanner

ڏينهن سارو ڏنپ سهٽي تي جهلي،
رات جو ميهار سان لائون لهي.

رنگ، ڪُندن ۾ رچي ٿو، تہ بہ مزو،
محب، ٿانڊن ۾ ملي ٿو، تہ بہ مزو.

رات، سهٽي، سِير، اوٿر ڪوڪرون،
گهاوَ، ساهڙ، گهيڙ، سڏ، ٽڪڙيون ڊُڪون.

... ...

اک برهمڻ جي بلوچيءَ سان اڙي،
سنڌ جي دل جڻ تہ ڪيچيءَ سان اڙي.

جُوءِ کهڙي سونهن جي، پيرو نہ ڪڻ،
ذات کهڙي عشق جي، شجرو نہ ڪڻ.

بلبلو ٻيلي جو، گل ڀنيور جو،
ڍيل سان منهن ميل تي ويو مور جو.

هاءِ سسئي تنهنجي قسمت تي رئان!
داد، ڏوبڻ تنهنجي همَت کي ڏيان.

Scanned with CamScanner

ڍهل، سهرا، سيج، ڀِٽ سسئي - پنهون،
ڏوهه، پَنهنجا، روهه، پِٽ سسئي - پنهون.

پيار جي لئي پرک، بلڪل پَرپُٺي،
دل - جلين جي ديس ۾ ناهي سٺي.

ڇا ڏنو معشوق ڇا عاشق ڏنو؟
عشق کان وڌ شرط جو هو ضد وڏو.

شرط پورو ٿيو تہ اک ڀڪجي وئي،
مومل ۽ راڻي جي دل ڀُڳنجي وئي.

حرف ايڏي هوڏ تي راڻا هجئي!
موت ۾ معشوق، مِٺا تي سُجهئي.

مومل ۽ راڻي جو قصّو هي ٿيو،
ڇهڇتو، ميلو ڦِٽو، پو الميو.

جام جي ڪينجهر ۾ نوريءَ تي نظر،
آسمان کي آڳ، ڌرتيءَ کي چڪر.

حسن اهڙو جو حواس ئي گم ٿين،
آسمان ڇا، آس پاس ئي گم ٿين.

چهرو اهڙو چنڊ جنهن ۾ چنڊ ڪئي،
مار، اهڙو منڊ، جنهن ۾ منڊ ڪئي!

حسن حاڪم اهڙو حملو تو ڪري،
روح تي، رڳ رڳ تي قبضو تو ڪري.

سونهن، سڪ جو جوڙ ڪيڏو ڪامياب،
شادمانا، شوق شاهاڻا، شباب.

سنڌ ـ راڻي ايتري اهڙي حسين!
جنهن ڏني پيرن مان نڪري وئي زمين.

سنڌ جي هيلن تو هن کي مان چوان،
حسن هن جو جنگ جو سامان چوان.

مير تي ويا تير نظرن جو شڪار،
گيسوئن ۾ تاج، لشڪر گرفتار.

سونهن کي پاڪر وجهڻ سولو نه آ،
تخت، تر تان هٿ ڪڍڻ سولو نه آ.

مير باگا، سونهن پوڄاري، سلامُ!
سنڌ ـ راڻي تنهنجي گهر واري، سلامُ!

Scanned with CamScanner

تو چيو: جيئري وئي جنّت ملي،
ساڳ ٿيو قسمت کي، ڇا مهلت ملي!

دوست، توکان دل جي ڇا دلبر ڇني،
باغ کان خوشبو، مڇيءَ کان ڇر ڇني.

سُرت کر سانگي، او ديوانا نہ لُڇ!
جي ويا ورندا نہ، ڪجھ مونکان نہ پڇ.

حسن گهائيئي، حسن ئي مڪيئي ملم،
سونهن جي پاڪر ۾ رهجي ويئي پرم!

سونهن ـ کاڌن کي نہ ٻيا ترياق ڏيو،
صبح، سانجهي سونهن جي خوراڪ ڏيو.

پاڳلن جو پيار ئي آهي علاج،
دل جلي جو نار ئي آهي علاج.

ڪوڙ جوڙا پيا جلن منهنجي اڳيان،
دوستو، ڪنهن تي لکي ڪنهن تي لکان.

مونکي حق ڪونهي جو مان ڪن کي ڇهان،
ٻيو بہ مونکي ڇو جهلي جي مان لڇان.

Scanned with CamScanner

عشق جي آتش نظر هر ڪنهن تي آ،
چٽنگ، ٽاندو، باهہ پر هر ڪنهن کي آ.

پَر - پَٽر تي، پِيڙ پنهنجيءَ تي رُئون،
ڏوڙ دل تي درد جي، سا ٽا ڏُئون.

●

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

(جاني ۽ لاليءَ جي عشق جو قصو شروع)

دوستو،
هي قبائلي عشق جو هڪڙو قصو،
ويجهڙو،
ماضيءَ ۾ جيڪو ٿي چڪو.
هي قصو ـ
سوڪو، سٽائو جيترو.
پڙهندڙؤ ـ
اوڪو، اٽائو ايترو.
قافلو ـ
سينڌيءَ جو سنبريو سنڌ ڏي.
جابلُو ـ
ميلا، ملاقاتون ڇڏي.
جيئن ـ
ڏينهون ڏينهن سنبري پيو لڏو.
تيئن ـ
ڏادو ٻُت ڀنهي جو پئي ڏڪيو.

ڏينهن جي ڏُوري ڏُکي،
صبح، سانجهي اک ٻکي.
فاصلو، اڌ ورهيہ جو ڪيڏو ڏکيو!
ڪيئن گهاري من ٻکيو؟

... ...

ڪنهن طرح چوري، ڇُپي،
جاني ۽ لالي جي محبت ٻي ڊپي -
پر، مَت - وتي،
تِت ٻڌي، ميلاپ جي.

... ...

پيش - پاسي ۾ پهاڙين جي پرٻان،
جهنگلي جهاڙين جي جهاتر ڪان، وچان،
چاهہ جي چُرپر چلي،
پٽي تي پٽڪيو ڪجهہ ٻنهي،
سهڪ، سڪ، سُر پر سنهي.

سونهن جي ساراهہ مان عاشق جي دل ڊاپي ڪٿي!
پوچ - پلتي، پو بہ ڪاچو چٽي ڪٽيون.

محبتن کي گفتگو سان ڪو سگهي ماپي ڪٿي!
سمنڊ جون لهرون بہ ڪنهن آهن ڳڻيون؟

Scanned with CamScanner

جاني - ”لفظ منهنجا سادڙا،
سونهن تنهنجي بي بها.
مان ٻُڪن پنهنجن سان ماپيان سونهن جو درياهہ ڇا؟
تنهنجي جوڀن ۾ مِٺي، جادو تہ آ!
گفتگو گلشن، ڪلڻ خوشبو تہ آ!
تون پَري،
تون حور -
تون ڳاڙهي ڪنوار.
تون ڪنوڻ،
تون مينهن -
تون موسم بهار.“

لالي - ”سهڻا -
شهزادا -
مِٺا،
مان ڇا چوان:
تون هجين سامهون ۽ مان ويٺي ڏسان!
تون هجين منهنجو ۽ مان تنهنجي هجان!“

جاني ـ ”تنهنجو قد، واهيءَ تي لوهيڙا ڏگها.
لوڏ ـ
شاخون، واچ تي جهُومڻ لڳيون.
ٿورَ،
سُرهي ڏنڊ تي لهرون هليون.
وارَ تنهنجا مشڪ، عنبر ـ
سجَ تي ڪارا ڪڪر ـ
ڪن ٻنهي تي چانوَ ٿا.
ويسَ سُرها،
اهڙا سهڻا،
جهڙا چيٽي مينهن تي ٻوٽا ڦُٽا.“

لالي ـ ”تون تہ جادوگر لڳين ٿو،
چقمقي پٿر لڳين ٿو.
ڪيترو روڪيان ٿي بت کي، پاڻ ڏي زوري ڇڪين ٿو.
تون ٿو ڳالهائين تہ مونکي ٿو لڳي ـ
ڪو ڇهي ٿو،
دل جو ٻُرندو.
منهنجي رڳ رڳ تي وَڄي.
هَٿ لڳائين ٿو تہ مونکي آڳ ٿو لائي ڇڏين!
چَپ ملائين ٿو تہ ـ
هارين ٻاهہ تي تپيا ٿو، رهندو، بت ٿو ڙڪائي ڇڏين

جاني ـ ”تنھنجا چپ انگور پر لاليءَ لڳا،
ءِ ڳتا گدرا مِٺا.
آڱريون ڪيلي ڦريون، مينديءَ لڳيون.
سُرهيون ـ مِٺيون.
ڄاڱري پيرن ڪان ـ
ڳاڙهي ڳُڙ ڪان ـ
تنھنجا زور ڳاڙها نرم ڳل.
ڦُوھَہ ڦل.“

لالي ـ ”جسم تنھنجو جانئو، جوڌا جبل:
تنھنجي جوڀن ۾ پلي گھوڙي جا پل ـ
منھنجا مِٺل!“

جاني ـ ”بت بري ٻڪريءَ جان تنھنجو تِرڪٹو، سٹيو، لسو.
ڇا تہ ڇهندي آ مزو!
ڇرڪ، ڇڻ هرڻيءَ جا ڇال.
نيڻ ٻن چشمن مثال.
جابلو جوڀن جو تون آهين ڪمال.“

لالي ـ ”ڇيلھہ ڇيتو، تنھنجا شھپر شير شينھن.
تنھنجي محبت مُند ـ مينھن.
مرد وارو منڊ تون.
چوڏهين جو چنڊ تون.“

جاني - ”ءِ تون چاندوڪي چِٽي.
ڪنڊ، ماکي، کير مڙني کان مِٺي.
تون مِٺي، ڏاڍي مِٺي ڏاڍي مِٺي -
مان مري ويندس مِٺي توکانسوا!“

لالي - مان نہ جِي سگهنديس خدا سان، توسوا!“

جاني - ”منهنجي سسئي!“

لالي - ”منهنجا آري!“

جاني - ”پياري جاني!

لالي - ”مَنَ مُريد!“

جاني - ”منهنجي مهرو ماهناز!“

لالي - ”منهنجا سهڻا شاهزادا!“

جاني - ”منهنجي ليليٰ -
منهنجي لالي!“

لالي - منهنجا مجنان -
منهنجا جاني!“

جيجي سيد ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

موڪلاڻيءَ جو يڪو ميلو متو.
ڇُهڻي،
ڇُنبڙي،
چاهہ، چاهت کي چکيو، پِيتو يڪو.
ڄڻ تہ بکين کي جبل ۾ مُند جو ميوو لڌو.
ڄڻ اُڃن کي رڃ ۾ شربت مليو.
عشق: اولانبيون، اُمڙ.
جوش: جذبن جا جهڙ.
ڄڻ سُڪيءَ شهول کي ڪنهن تِيلي ڏني.
مڇ ۾ نچيو ٻنهي.
پو تہ ساوڻ جي تِکي برسات ٿي.
نئن وهي پئي نئين طرح جذبات جي.
نالو، ناليءَ سان ملي،
گڙ گڙ ڪري.
ڇيڪي اُڙهو ٽڪرين وچان-
لاهين وٽان -
جاٽان - ڪٽان.
مينهن لاڳيتا جهڪا ٿيا.
پو بہ بادل جهومندا، وسندا رهيا.
سخت تاسا پي وري پيئندا رهيا.

(موڪلاڻي)
سخت سوڙهن پاڪرن ـ
بيحدن بوسن ڏگهن ـ
مان ڇُري لاليءَ چيو:
”دير تي ڪيڏي نہ وئي ـ
هاڻي تہ ڇڏ!
او، پڪڙجي پئون نہ ٻئي ـ
هاڻي تہ ڇڏ!“

جاني ـ (ڏُوھَہ، پاڪر، پريت ـ پَٽ)
”روح پرجي ئي نہ ٿو.“

لالي ـ ”ڇڏ ـ
اڃي نڪري نہ ڪو!“

جاني ـ (ڏُور... ڏونگر ڏي تڪيندي،
بي ارادي، مُڇ وٺيندي،
منڌ کي ٽوڪي چيو:)
”سنڌ ڏي آيون، ڳنا جي ڪائجانءِ،
منهن تہ پنهنجي وڃڙئي مجني ڏي ڪجانءِ!“

لالي - ”طعنو ماري، دل دکاري کي ڏکيئہ.
جهير ڏيئي، لوڻ ٻرکي، ڇا وٺيئہ؟
مان نہ کائيندس نہ کائيندس ڳنا، جاني، ٻُڌاءِ!
تنهنجي بوسن جو قسم، توبن ڳنا کاوان، زهر،
جي گُري کاوان، خدا جو مون مٿان ڪڙکي قهر.“

جاني - ”مَنَ،
وري موٽي مِلڻ جو آسرو؟“

لالي - ”ساهہ، سر آهي تہ رهندو آسرو.“
(ٽورو ڇڇندي)
”جي حياتي آ تہ چوٿين ماهہ پنهنجي ڏيهہ ڏي وربو ضرور.“

شهپرن تي هٿ هڻي، جوش مان جاني چيو:
”زندگي آهي تہ اچبو، ووڙبو، مِلبو ضرور!“
... ...
... ...
قافلن تي قافلا...
پورڙا، ڊمير، ڇڙا،
شور ۾ گونجي فضا،
ياڳ تي ڪاچو اُٺو،
جابلو پاسو لٿو.

Scanned with CamScanner

ٿوڙ کان ٿوڙي ـ
۽ ٿوڙي کان اڳي ٿهٽي ـ
يڪوئي ساوڪن جا سلسلا.
قافلن تي قافلا ـ شور ۾ گونجي فضا.
قافلا، ڪاڇي جي رونق جو وڏاءُ.
ڇهڇٽي تي ڇهڇٽو، ڏاڍو لقاءُ.
ڳوٺ، واهڻ، وڻ ـ
نَيُن جا پيٽ، ريتي، پَٽَ، پهڻ.
جُوءِ جُواريون ۽ پڪيون.
ڪي ڪچيون ۽ ڪي پڪيون.
سائُون، پيليون ۽ ڪڪيون.
جي چڙهي پيهي تي ڏسجن:
واڇَ تي ڇوٽيون لُڏن، ڄڻ ڏند جون ڄوليون ڇُلن.
واءَ تي ڪڙڪا پَنن جا، قدرتي واڄا وڄن.
سنگ بگڙا، ميرڙا ۽ ڌُهَ اڇا، ڪارا، ڪَنا.
هئـ، انهن کي هٿ ڇُهن مينديءَ رتا!
لابَ آڳاٽيون تہ پاڇاٽيون ڏِڍا.
گاهہ، ڪِيرا، ڳَپ، ڳنا، آيُون مِٺا.
خاص خستوريون نيارا ذائقا.
بَر، بهارون ئي بهارون جابجا.
هڪ نظر کان ٻي نظر تائين نظارا دلربا.

Scanned with CamScanner

ساوڪن جا سلسلا ـ
هٽڪندڙ گهوڙا ۽ گهوڙيون، ويڪرن اگٽن اڳيان.
گهر ـ ڏياٽيون، گهر ڏٽي ٿهڪن تِڙن.
ٻهڪندڙ، شهپر وتيندڙ، اڏرندڙ مِهريُن مٿان.
چڻ تہ راٽا، موملن ڏي ٿا وڃن.

لاڳ وهڙيون، ڦندرون، ڦر، ڪاهرون، سُوائون ـ ڍُڪيون ـ
ٿڻ ڇڪيندي،
ڪير ڍُهندي،
وينگسون ڪيڏيون وٽن!
ڍور، ٽاٽر، ڏاند، وهڙا زور جو ٽاڏون، اُڪيون ـ
مَلهہ وڙهندي،
نينگ ڏيندي،
مَن ـ چلا ڳيرو لڳن.
اڻ ڳڻيون ٻڪريون، رڍون.
اُٺ ۽ اُنيون ـ
دُنبا، دُنبيون، ڌڻ ڌار ڌار.
ڇهڇٽا: ڌمچر ڌنار.
دهل شرنايُن تي ڌاڪا.
چيچ، وَهول ور وراڪا.
جِنّ، جنڙيون.

Scanned with CamScanner

موج، سُرندي ۽ دنبوري سازَ تي.
ناچ، جُهمريون.
راڳ يڪتاري، گهڙي، پڪواز تي.
چنگ، بوٽيندا، پَنن جون پُوپريون، سينديون، وڄن.
نينهن جا نياپا نوان.
بيلڻ ۽ چلڙن ۾ چورا محبتي مينديون ڏين.
ڏيپ، ڏوراپا نوان.
ڏينهن جو ڏورن ڏهاڙون ـ
تات ـ تاڻون پيٽ جون.
رات جو پياريون رهاڻيون ـ
ڪئين پچارون پريت جون.
ٿو وسي ڪاڇو تہ پو ڪاڇو سڄو ڪشمير آ.
مال موجود آ تہ پو مسڪين بي مهمير آ.
قافلن تي قافلا ـ
ساوڪن جا سلسلا.
ڪوهہ ـ ڪونجن جون قطارون ـ
سرءَ ڪانِ سيارو امارو سنڌ ڏي.
سانگ، سانگين جون قطارون ـ
لاب، ڪاتي، ڪيڻ، پورهيت جو گذارو سنڌ ڏي.
ڳوٺ جو ٺي ڳوٺ وهٽن تي لڏيل.
ڪجهہ انن تي،

ڪي ڏڳن تي،
باقي ڳڌهن تي لڏيل.
مارو ماڻهوءَ جي مڏي،
هڪ ڪتو ۽ هڪ تڏي.
جنڊ، اُکريون،
ڇڄَ، مُهريون،
تانءَ، ٽوپيون،
هنڌ، مَشڪون،
پيش، نوڙيون، مُڱريون،
چلم، چمٽا،
آر، ڏاڳا،
هڙ، ٽپڙ، اَن - ٻوريون،
ٻَڄَ، باٽا،
ڪِيٽ، ڏاٽا،
ڪپ، ڪهاڙيون، ڪوڏرون،
هِينگدا ڪوتا -
لڏي سان
ٿهڪندا شودا هلن.
رِينگندا گورا -
انهن سان ڊيڪندا ڇورا هلن.
پيڪندا ليلا ۽ ڇيلا.

ٽئونڪندا ڪُتّا هلن.
چِيڪندا چُوزا ـ
اٺن تي، ڪوڪندا ٻانگا هلن.
ڇَهڪندا ننڍڙا ٻچا ـ
۽ چِنگهندا پوڙها هلن.
مُلڪ مَهڪي،
ساٿ ٽهڪي،
ساڻ ٽڌڙا ساهَه ڪي.
واٽ وهندي،
راهه هلندي،
گنج ۾ گمراهه ڪي.
جوڙ، جوڙن سان سفر ۾ همسفر.
جڻ ڪبوتر سان ڪبوتر، خرسان خر.
آب پيئندي،
ڦهنگون هٽندي،
ڪِچڪندي جوڙا ڏسي.
هڪ ٻئي جي،
پر ۾ وهندي،
هِرڪندي جوڙا ڏسي،
دَل جو دل ۾ پئي لُڇي،
مونجهه ۾ لالي مُنجهي:

Scanned with CamScanner

هئہ جي هِٽ جاني هجي!
ٻارڙا ڪي نوبنو، نمرا تہ ڪي نِرٻل نحيف.
مرد ڪي سُوڌا، سگها.
ڪي اڻ گهڙيا، اُودا، اگها.
زائفون زبريون سگهاريون، ڪي اگهيون، ايريون ضعيف.
جوڀ: اٿ تي جهوٽنديون.
جهومنديون ۽ جهولنديون.
جُهور: جهاڪي، جهيڪ تي جُهرنديون هلن.
ڪي لَنيُن تي ٽيڪ ڏينديون ـ
ٽُلڪنديون، ٿرنديون هلن.
ڪي ڀُنيءَ تي ٻار لوڏينديون ٻہ پر ٻُرنديون هلن،
ڪي جوانيون، بوبنون، جوڀن ڀريون.
اپڇرائون روهہ جون، حورون، پريون.
قد، کهوءَ جي لامر، اک بادامر ۽ ڏاڙهون ڳِٽا.
ڇيلهہ ڪانو، ساڻ سِيني تي سِٽا ۽ ٻئي ٻِٽا.
رنگ اندلث جا سجايل گلبدن جي گج مٿان.
چلڪڻ ڪاين ۾ ٽاڪيل چنڊ، تارا، ڪهڪشان.
سِيرَ سيني ڪان، سا ڪِرٽو چوڏهين جي چنڊ جو.
نرڙ، چاندوڪيءَ ۾ چِلڪو ڏِنڊ جو.
ڪُونج ڪاڏي ۽ لُڪيءَ ڪان، ٿورَ ڏيل.
ڀير، ڀاريهر، ڪبوتر ٻيئي مل.

Scanned with CamScanner

ڏوڙ مسيڪينيءَ جي چٽڪاريل ڳلن تي،
پو بہ مينڊي پير، هٿ، ننهن، آڱريون.
ڏرَ ڏکن واري ڏڳهين پنبڻين، اکين تي،
پو بہ سُرمائي ڪجل ۾ آڪِريون.
ويسَ، آڻ ڏوتا ڪڏوڪا،
وارَ، ڪنگي ٿيا ڪلهوڪا،
پو بہ واسيل جسم سارو روھ جي سرهاڻ ۾.

جيتري سختي سفر جي،
تيتري ڳٽتي گذر جي،
پو بہ پيا چَرچا، گهٻا ڪن پاڻ ۾.
قرض سِرَ تي،
مرض گهر ۾،
هانءَ ـ هُرڪُر، اُدڪتا.
نرڙ جُهومر،
بين بينسر،
ڪن ۾ جُهومن جهومڪا.
پيٽ ـ پيڙا،
ڏيل ڏيرا،
ٻُکَ، بيماريءَ جون ريکائون هزار.
پو بہ سک، سينگار مان دل جون نشانيون آشڪار.

ڏيگھہ ڇڏجي هِيءَ هِتي،
ڀھچجي لالِي جتي.
... ...
سڀ ڳنا چائين پيا،
۽ ڇِلي کائين پيا.
هڪڙي ڳاڙهي ڳوري سهڻي نوجوان.
مائٽن جي مرمہ کان، گڏري نہ ڪنهن تي ڪو گمان.
هٿ ۾ جي ڪنهن وقت ڪانو پئي ڪري -
ڪو بهانو پئي ڪري.
ظاهري گوري ڇِليو، ناهيو گُري.
يا چوي:
پوپو ڪنو.
ڪيڙي - وَتو.
يا چکيو، ٿُو ٿُو ڪريو ڪُرڪيو کهي.
ناهي ٽُري.
بانس ئي بُري.
يا ڇليو اڇليو ڇڏي.
مُرڪندي، مرجهيو وڃي.
پوڙهي، هوءَ تاڙي وَئي.
۽ پڇئين ڪانئس وڏي.
پوڙهو جو پرديسي، پوڏائو بہ هو.

Scanned with CamScanner

سنڌ ۾ رهندو ٻه، ڪارائو ٻه هو.
ڇو نه تي ڪائين ڳنو؟
مُنهن جو اتري ويس پنو.
شرم ۾ شل، اوچتو ورتس عجب.
پوسٽُاياڻئينس سپ.
هن جو ڏوراپو ڏنو،
ڪيئن ڪاوان مان ڳنو.
ٻيا سڏن سپ خان هنڪي، ٻانوري بابا ڇويس.
بابا بابا چوندي وينگس روز پئي ويجهو وجيس.
وَجهه وٺي ٻانهون ٻڌائين،
پِير جي ٻوهي وڌائين.
سُر سلياڻين:
ڪنهن سان بابا، مَن ڪئي محبت هجئي!
منهنجو مَنُ ـ مهمان ايندءِ، پوءِ جي پارت هجئي!
... ...
ڏينهن هڪ ديري ـ دوار،
سهڙيو هڪ اوٺي سوار.
وڇڙو قد، منهن مهانديِ ۾ ڏيا وارو جوان،
چاپئين ڏاڙهي، وڏا شهپر، پِرون جهڙا ڪمان،
نرڙ، ڳل، ڳاڙها، اکيون ڪاريون وڏيون،
منهن ۾ تابش، تاءُ، رڳ رڳ ۾ رَڏيون.

Scanned with CamScanner

وار ڪارا، تن مٿان پٽڪو اڇو،
۽ ڪلهي تي سهڻو نارنگي ڪٽو.
هرڪ جي سلوار تي نيري قميص،
پير چمڙي جي جتي نازڪ نفيس.
ڇا تہ مهريءَ ڪي سنواريو هو سوار،
جڻ تہ چڙهڻي آهي هن تي ڪا ڪنوار.
اٺ جي اوڳر جيتري بدبو بڇي،
هن جي ويسن تيتري خوشبو ونڊي.
... ...
هھڙين آرين –
هھڙين پارين –
ساٺ ڪو هِت آ لٽو؟
جي لٽو آهي تہ پو مهمان آهيان تو سندو.
... ...
ٻاچ ۾ مهمان جي مُنڊي وڃهي،
پهتو پرديسين ۾ هو پوڙهو اچي.
جيئن گريون ويٺي چليائين،
چرڪ هڪ تڪڙو پريائين.
”ڇوڪري لالي“ ڪيائين خاص سڌ.
”ڇير آيو تم امان ڪا لِير ٻڌ!“
ٻاچ ڪي ٻَڌندي ڏِني مِهريءَ مُنڊي.

Scanned with CamScanner

سوچ ۾ سوگهي لڳي ويس ڪا ڪُنڊي.
پوڙهي ڇيڙي گفتگو،
گهر سڄي جي روبرو.
مِينهن اوتر تي پوي اڄ رات جيڪر اوچتو،
پو لڪائڻ سر پلا ڪيڏي وڃو؟
لاڏلي لالِي چيو: هُن چار هيٺ،
ٻيو اسانجي کهڙي آ هِت جاءِ نيٺ.
... ...
ٻاٽ اونداهيءَ ۾ گهاٽي گگهه چار،
جوش، جذبو، تانگهه، تاڻ ۽ انتظار.
ٻونگڙين ۾ ٻاهه، ٽمڪن ڏيئڙا،
هونگڙيون، ڪيهون، رڙيون ڪن ٻارڙا.
ٻُوءِ ڏُونهين جي ۽ خوشبو ڏاڳ جي،
گاهه جي هٻڪار، سُرهڻ ساڳ جي.
ساٿ ڏي هوٻا ۽ هُل،
هيڏي دل بيچين، ٻُل.
چؤطرف گوگاءُ، گوڙ،
هيڏي اڌمان ٻيڙي - ٻوڙ.
ساٿ: لوليون، ساز، راڳ.
عشق: اولانبيون ۽ آڳ.
هوڏي جاڳن ماءُ، پيءُ،

هيڏي تنبن جند ـ جيءُ.
هوڏي ڪنگهن پيرسن،
هيڏي تڙپن جواڻ تن.
هوڏي پؤنڪن پيا ڪتا،
هيڏي شرنايون، مُتا.
ڏور اونائي، ڪُڪڙ جي ٻانگ ڪا،
تيز تڙپي، تر نہ ترسي تانگهہ ڪا.
هوڏي لالي، جاڇي، ڳاڻي بار بار،
هوڏي جاني، تڙپي، تاڻي، انتظار.
رات ـ تارا، انتظار،
چاه ـ چارا، انتظار.
... ...
تانگهہ، لاليءَ ڏي تڪي ـ
جي ڪجهہ تڪي.
عين پنهنجو ڪنڌ سيني تي رکي سپنا پسي:
سوچ ۾ ئي چاهہ چوسي، ساه جي سرهڻ چُمي.
سوچ ۾ ئي جوٽ تي ليٽي پوي، سيني سُمهي.
ويٺي ويٺي، شاخ ـ گل کي مثل ول ويڙهيو وجي.
واءَ وانگر واسجي، خوشبوءِ کان وچڙيو وجي.
سوچ ۾ پرچي، رُسي،
سوچ ۾ ڦُندي، سسي،

Scanned with CamScanner

سوچ ۾ ئي سونهن جي ساغر منجهان سُرڪيون پري -
چي: پيو اچي.
جوش ۾ شيشو ڪٽي، ڀِيتي يڪو ڀَت ڀَت ڪري -
جهومي نچي.
پُور ۾ پچري، ٻري.
پور ۾ ٺٺري، ٺري.
پور ۾ ئي سونهن جون ڪنوٽيون ڪِنون.
قرب جون ڪڪريون وسن.
نينهن جا نالا، نيون، نهرون وهن.
... ...
ننڊ ماٺهن جي مَندي، ڪامڻ لڙي بيگاهه رات.
موت جهڙي ماٺ تي چئونڪي ڏئي پئي چُپ چُپات.
سيءُ سنهڙو، پو ٻه لاليءَ ڪي پگهر.
هڪ خوشي ٻي خوف جي لئن لئن لهر.
ننگ ۽ ناموس جي هر دنگ ڪان اڳتي ٽپي.
❶ ڪڙم ڪَرڙي ڪي سُمهاري، پُورَ کهري ڪان بچي.
پير، پيرن تي ۽ پب، پب تي رکي، سِرڪي هوا.
جڻ ڪراماً، ڪاتبينن ڪان لڪي، نڪتي خطا.

---

❶ پُور کهرو: ڏنگو ڪتو

رات جي انڌڪار ۾.
ڇَهندي، ڇَپندي، ڇِرڪندي هي ڇوڪري -
ڇڻ تہ ڪنهن آجهار ۾ -
تار ترندي، ترِڪندي ڪا پوپري.
عشق: ڏڄڻي دل ٻڌي.
شوقَ: ڇوهي وک وڌي.
❶ عين گوڏن تي جهُڪيل.
سوچ - سپنن ۾ سُتل.
❷ ميم اُلري اوچتو.
دل جي اڌمي، جيءَ جي جذبي عين کي ڀاڪر وڌو.
عين جو ان ڇرڪ ۾ پَٽڪو لٿو.
پڳ لٿي پرڏان پاڳل تي پيو.
ميم جون منٿون، تباهہ.
چاهتون، پاڪيون، تباهہ.
بخش، مون کان ٿي خطا.
جوش، جذبي جي خطا.
پر پريان هڪڙو جواب:
هَٿ پري خانہ خراب!
ميم جون ٻاهون ٻڌڻ.

---

❶ عين: عاشق
❷ ميم: معشوق

پير مهٽڻ، پُن پنڻ.
عين جا تيلها - ڏڪا.
"پڳ لهي پئي رَت هڪا."
رئو ڳچيءَ ۾ وات تي توبه، رُئڻ.
ليلڙاتيون، گيهٽيون، لولهٽ، لچڻ.

جاني - "جو ٻہ پڳ لاهي اسان جي سو دلي دشمن مڃون.
پيار جا، ان جو تہ ڪافر ڪنڌ ٻانڻ سان پچون."
سر بچائي هاٽي پچ!
وِڄ آهيان آءٌ اڄ.
تڙڪندو ۽ ڀڙڪندو آيو هليو.
روح ۾ رڙندو رڳو پندو پليو.
باهہ پنهنجو پاڻ کي ڏمري ڏئي.
جيئن ڊوڙيو تي تہ تي پڙکي پئي.
موت جو سامان تن من تي ڪٽي.
مئٽ پنهنجو، پنهنجي پيرن تي ڪٽي.
ديري تي پهتو، پنيان ماتم مَتو.
چو تہ لالِي پاٽڪي ماري وڌو.
رات ويڏن تي چڪي، پوڙهي ٻڌي.
پنڌ پاهڻ پاڻ، پر لونءَ لونءَ اُيي.

Scanned with CamScanner

ڪارائو ـ ”پُوڪَ، پڙڪي هي پيڙ تو چو ڪيو؟
بئوش، بئشي ڦهر تو ڪيڏو ڪيو!
تو نہ ڄاتو عشق اندا!
تو نہ ماڻيو حسن اندا!
تو فقط تاتيو تڪبّر، هوڙهہ، هٺ، پاڳلپڻو.
ڏيهہ جو ڏونگر نہ نڪتين پر هوا جو ڦوڪٽو.“

هُن پِٽيو پنهنجو مَٿو:
”ڪجھہ بہ مان سمجهان نہ ٿو.“
”سَنج مَهري“، سهڪندي جاني چيو تنهن يار کي.
”ويهہ مون سان ٻيلهہ، منهنجو لاش ني ڪوهيار ڏي.“

هنڪي وئي ڏڪڻي وني.
بت ـ بيڙ، سينو ـ ٻني.
جاني پيو دُرڙيون پري.
ڳوٺ کان ٿورو پري.
نانءُ لاليءَ جو وني، واڪا ڪري، وڻلڻ لڳو.
تڙپي تڙپي هنج هنجي ۾ ئي هو ديرڪڻ لڳو.
بي خبر، پڙڪا بہ ٿي.
آخري ڦڙڪا بہ ٿي.

❖

استاد، سولي ۽ سلوڻي سنڌيءَ جي انداز ۽ ڍنگ ۾ پنهنجي فڪري قوت ڀري، ان ۾ شاعريءَ جون قوتون وڌيون آهن- ۽ مان يقين سان چوان ٿو تہ ٻوليءَ جي معصوميت، اثرائتي استعمال ۽ بيان جي روانيءَ واري خصوصيت، استاد جي مقابلي ۾ اسان مان مشڪل ڪنهن وٽ ملي. استاد درسي ڪتاب واري ٻولي ڪم نہ ٿو آڻي، تہ اما هن جي لغت جي بي پناهہ وسعت آهي. هن وٽ لفظ سچا موتي آهن. هن وقت هو ٻوليءَ جو وينجهار آهي.

ڊاڪٽر الهداد ٻوهيو

Rs: 120.00

Scanned with CamScanner

Scanned with CamScanner

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

ايڊمن: صاحب خان ”سورهه“ ميراڻي

Cell No: 0344 - 3919786

Scanned with CamScanner